ماهوار

# بيداري

حيدرآباد

ايڊيٽر

محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر

03313686186

شمارو: ٢٧٧ - ڊسمبر 2015
قيمت: ٢٥ رپيا

مجلسِ ادارت

- شيخ محمد يوسف
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| معاشري کي لاڳو چيلينج | | محمد موسيٰ ڀٽو | 2 |
| ۽ ان سان منهن ڏيڻ جي صورت | | آمنہ حامد زبيدي | |
| ڪائنات | | سنڌيڪار: عبدالهادي ٽيٻو | 15 |
| اتفاقي حادثو يا رٿيل منصوبو | | | |
| موجوده دور ۾ قومن جي وچ ۾ | | محمد موسيٰ ڀٽو | 24 |
| هلندڙ اصلي جنگ | | آمنہ حامد زبيدي | |
| امام رباني جو فڪر ۽ فلسفو | | علي اڪبر راهمون | 34 |
| ۽ اسان لاءِ رهنمائي | | | |
| لاديني عقليت واري سوچ | (ٽين قسط) | ڊاڪٽر محمد رفيع الدين | 42 |
| ۽ معاشري تي ان جا اثرات | | مسرور حسن چانڊيو | |
| جديد انسان چوواٽي تي | (آخري قسط) | علامہ محمد اسد | 51 |
| سنڌي صحافت جا ڪجھ اهم ورق | | مولانا خير محمد نظاماڻي | 65 |




محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# معاشري کي لاڳو چيلينج

## ۽ ان سان منهن ڏيڻ جي صورت

(دارالعرفان جي تحت، واه ڪينٽ، راولپنڊي ۾ منعقد ٿيل عالمن، ڏاهن ۽ ديني تنظيم جي ذميدارن جي نشست جي لاءِ لکيل مقالو)

آئون حضرت مولانا احسان الحق جو دل جي گهرائين سان ٿورائتو آهيان تہ هن مونکي اهل علم، اهل دانش ۽ مختلف ديني تنظيمن جي ذميدارن جي اڳيان پنهنجو درد دل رکڻ جو موقعو عنايت فرمايو.

اڄ اسان جنهن دور مان گذري رهيا آهيون، اهو ان اعتبار سان قيامت خيز دور آهي، جو اسان جو ن نسلون ماديت پرستيءَ جي عالمگير نظرين جي وَ رَ چڙهيل آهن، ٻيو تہ نئين تهذيب، انساني قدرن ۽ تهذيب و مذهب جي هزارن سالن جي قيمتي ورثي کي بي وقعت بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اسان جا نوجوان جديد تعليمي ادارن مان هڪڙوئي مقصد ۽ جذبو کڻي نڪرن ٿا تہ دنياوي حياتي انتهائي خوبصورت ۽ آسائش واري ٿي وڃي ۽ ڪين ٻين تي برتري حاصل هجي ۽ مادّي آسائش جو هر اهو سامان، جيڪو نيون نيون ڪمپنيون ٺاهن ٿيون،اهو وٽن موجود هجي، معاشري جي ذهين فردن جي زندگيءَ جو نصب العين بس هڪڙوئي وڃي رهيو آهي تہ هو ڪروڙ پتي ۽ عرب پتي بڻجي وڃن.

عالمي پس منظر ۾اسان جيڪڏهن هن معاشري جو جائزو وٺون تہ خبر پوندي تہ هن وقت دنيا جي هر ملڪ ۾ ۽ پڻ اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ رڳو هڪڙي جنگ برپا آهي، اها دين ۽ لادينيت ۽ مذهب ۽ لامذهبيت جي جنگ آهي، عالمي سرمائيدار ۽ سندن مقامي ساٿي، جيڪي ميڊيا ۽ نظام تعليم تي قابض آهن، انهن جي سموري ڪوشش اها آهي تہ مسلمانن جي دل تان مذهب جو اثر جهڪو ٿئي تہ جيئن سندن سرمايہ داري جي صنعت کي هٿي ملي، (جيڪا نفسي قوتن کي مشتعل ۽ بي قابو ڪندڙ آهي.)

مسلم معاشري کي لاڳو اهو چيلينج اهڙو آهي، جنهن انساني املهہ قدرن ۽ پاڪيزه تهذيب جي باري ۾ نصيحت جي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ان جو اثر قبول ڪرڻ کان ماڻهن کي محروم ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن عالمگير سطح کان وٺي معاشري جي سطح تائين، گهريلو تربيت کان وٺي تعليمي ادارن جي سطح تائين جي تربيت جا اثرات خالص مادّي نوعيت جا هوندا، ان تربيت ۾ دوکو فريب، نڳي ۽ آسائشن جي نمائش ۽ تڪبر شامل هوندو، پنهنجو املهہ انساني جوهر وڃائي مالي فائدا حاصل ڪرڻ جي جنون واري روش غالب هوندي تہ ان سان معيشت، معاشرت، سياست ۽ اجتماعي زندگيءِ ۾ جيترو بہ فساد برپا ٿئي، سو گهٽ آهي.

موجوده مغربي تعليمي نظام، اسان سان جيڪو ويل ڪيو آهي، ان جو اهو رخ ڏاڍو دل ڏکوئيندڙ آهي تہ هن تعليمي نظام مان پڙهي نڪرڻ وارو هر ماڻهو چاهي اهو سياستدان هجي يا تاجر، سرمائيدار هجي يا ٽيڪنيڪل ماهر، اهو ڊاڪٽر هجي يا انجنيئر، انهن سڀني جي اها ڪوشش هوندي آهي تہ جائز يا ناجائز هر طريقي سان وڌ ۾ وڌ دولت حاصل ڪجي، توڙي ان جي لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻو پوي، اها دولت قومي خزاني کي ڦري پينگ ڪري حاصل ڪجي يا، عالمي شاهوڪار سان ڳٺ جوڙ ڪري، ان جي مقصدن جي لاءِ استعمال ٿي ڪري حاصل



ڪجي يا عام ماڻهن کان معائنو، آپريشن فيس ۽ ٽيسٽ رپورٽن جي بهاني سان سندن پگهرجي پورهئي مان، يا رشوت ۽ ڪميشن جي ذريعي هٿ ڪجي، بس انهن کي تہ هرحال ۾، هر قيمت تي دولت حاصل ڪرڻي آهي، ائين ڪرڻ سان ڀلي انسانيت پائمال ٿيندي هجي، کين ان سان ڪو واسطو ناهي. هن نظام انتهائي سنگدليءَ جا نوان مثال قائم ڪيا آهن، جنهن سان معاشرو پريو پيو آهي.

مزا ج، نفسيات ۽ ذهنيت ۾ برپا ٿيل انهي فساد، اسان جي معاشري کي اخلاقي اعتبار سان تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي.

معاشري کي لاڳو هڪڙو ٻيو چئلينج جيڪو جديديت جو سڀ کان بڇڙو تحفو آهي، اهو خدا ، انسان، ڪائنات ۽ زندگي جي باري ۾ سيڪيولرازم ۽ عقليت تي ٻڌل جديد نظريا آهن، جن اسان جي ذهين نسلن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي، قومي سطح تي سيڪولر ۽ ترقي پسند دانشورن جو هڪ مؤثر حلقو آهي، جيڪو هن فڪر ۽ سوچ کي وڌائيندو رهيو تہ انساني مسئلن جي حل جي لاءِ ، الله، وحي ۽ رسالت ڏانهن ڏسڻ بدران عقليت تي اعتبار ڪجي (جنهن کي سيڪولر طرز فڪر جو نالو ڏنو ويو آهي) اسان جي لاءِ اهو ڪافي آهي، “ جيئن مغرب وارن پنهنجي اجتماعي زندگيءَ مان مذهب کي ڪڍي، سيڪولرزم جي ذريعي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون آهن، ائين اسان جي ترقي ۽ ڪاميابيءَ جي معراج پڻ سيڪولرزم آهي.

هن سيڪولرزم ۽ ترقي پسندي جي سڀ کان خطرناڪ صورتحال ذهين طبقن ۾ نظر ٿي اچي جو هوماديت پرستي جي جديد نظرين کي هضم ڪري (قبول ڪري) مورڳو دين ۽ ايمان جي بنيادي عقيدن تان ئي هٿ کڻي وينا آهن. قوم پرستي، عقليت پسندي ۽ دين و مذهب کان آزاد، سيڪولر سوچ رکندڙ ، جدلياتي ماديت جو نظريو ۽ ”انسان حيوان جي ترقي يافتہ صورت“ جهڙا نظريا رکندڙ ڪافي فرد

موجود آهن عرصي کان اهڙن نظرين جي ترقي جي لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي ۽ مختلف نظرياتي تنظيمون، "انسان، ڪائنات ۽ تخليق ڪائنات" جي مادي هجڻ جي موضوع تي، پنهنجي ڪارڪنن جي ذريعي اهڙو لٽريچر تيار ڪري، نصاب ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن سان اڻ ڳڻت ذهين نوجوانماديت پرست سوچ ۽ نظريو رکن ٿا (هر گهر ۾ اهڙي سوچ رکندڙ اولاد موجود آهن، جيڪي والدين کي جاهل ۽ پراڻي سوچ وارو سمجهن ٿا) .

مطلب تہ هي اهو چئلينج آهي، جيڪو اڄڪلهہ مسلم معاشري کي لاڳو آهي، هن چئلينج جي نوعيت کي سمجهڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان ڪانسواءِ پنهنجن نسلن کي، مغرب جي ماده پرست قومن وانگر ماديت پرستي جي سيلاب ۾ لڙهي وڃڻ کان بچائڻ ڏکيو آهي. اسان جي نظر ۾ هن چئلينج کي منهن ڏيڻ ۽ هن تي ڪنٽرول جي صورت جو پيدا ٿيڻ گهڻو ڏکيو ڪم ڪونهي. ضرورت رڳو هن ڳالهہ جي آهي تہ دين سان لاڳاپيل اهلِ علم حلقا پنهنجي ذميدارين جي ادائيگيءَ جي ڳڻ ڪن ۽ صحيح رخ ۽ صحيح ڏانءَ ساڻ ڪم شروع ڪن.

هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين هن ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ، اسان پنهنجي دائراتي خول کان بلند ٿي، مسلم امت کي هڪ امت جي حيثيت ۾ ڏسون ۽ امت جي مسئلن کي پنهنجا مسئلا سمجهون، جڏهن امت، ديني، اخلاقي ۽ روحاني طور تي موت ۽ زندگيءَ جي ڇڪتاڻ ۾ هجي، اهڙين حالتن ۾ پنهنجي جماعتي، گروهن ۽ دائراتي خولن ڪانسواءِ سڀني جي دين ۽ ايمان کي مشڪوڪ يا حقير سمجهڻ جي روش اهڙي آهي، جيڪا سراسر حڪمت جي ابتڙ آهي، بلڪہ آئون تہ اهو چوندس تہ اسان کي دردمند مسلمان جي حيثيت سان، مسلم امت کان اڳتي وڌي، پوري انسانيت جي لاءِ ڳڻتي ۽ فڪر ڪرڻ کپي تہ، " ڪنهن بہ طرح سموري انسانيت تائين، توحيد ۽ رسالت جو



پيغام پهچي وڃي،تہ جيئن انسان ذات جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي صورت پيدا ٿئي.

دين سان لاڳو اهل علم جي لاءِ ٻي ڳالهہ جيڪا ضروري آهي، اها هي آهي تہ گذريل ٻن سئو سالن کان وٺي علمن جيڪا ترقي ڪئي آهي، هن عرصي ۾ انساني ذهن جي جيڪا ارتقا ٿي آهي ۽ علمن جي بنياد تي جديد تعليمي ادارن ۾ ذهنن جي جيڪا اوسر ٿي آهي، انهن علمن، نظرين ۽ ان جي پس منظر ۽ ان جي تجزياتي مطالعي جي ضرورت آهي، تہ جيئن جديد تعليمي ادارن مان هر سال، لکن جي تعداد ۾ پڙهي نڪرندڙ نوجوانن سان اسان سندن ذهني صلاحيت مطابق، خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهون ۽ انهن تائين دين جون بنيادي سچايون، سندن زبان و اسلوب ۾، هنن جي سامهون آڻي سگهون ۽ جمعي جي تقريرن ۽ درسِ قرآن جي حلقن ۾ اهو اسلوب بيان عام ٿي سگهي. هن ڏس ۾ عالم اسلام ۾ گذريل ڏيڍ سئو سالن کان جديد اسلامي مفڪرن جي طرفان جيڪو ڪم ٿيو آهي، ديندار اهل علم جي لاءِ هن ڪم مان فائدو حاصل ڪرڻ، وقت جي اهم ضرورت آهي.

معاشري کي لاڳو هن چيلنج سان مقابلو ڪرڻ جي لاءِ ٽين شئي، جنهن جي سڀ کان وڏيڪ گهرج آهي اهو. رباني عالمن اهل الله ۽ دل جي صاحبن جي صحبت سان نفس کي پاڪ ڪرڻ، نفس کي سڌارڻ ۽ اندروني خراب عادتن جي اصلاح ۽ اخلاق جي پاڪيزگيءَ جو عمل آهي، جنهن ڪانسواءِ معاشري کي لاڳو چئلينج کي منهن ڏيڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ انساني تاريخ جي شروعات کان اڄ تائين معاشري ۾ جيڪو بہ فساد برپا ٿيندو رهيو آهي، اهو سڀ نفس جي ڪارستانيءَ جو نتيجو آهي، اهو "نفس" ۽ "نفسي قوت" ئي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي "الوهيت جي دعويٰ" جي راه اختيار ڪرڻ، ٻين تي برتري حاصل ڪرڻ، علم، ذهانت، دولت، ۽ اقتدار کي لامحدود دولت ۽ اقتدار ۽ شهرت جي حاصلات لاءِ اڀاريندي رهي ٿي. انهيءَ نفس کي ئي سڌارڻ

ماڻهن جو رستو جيڪي انعام يافتہ آهن "معارف القرآن" حضرت مولانا محمد شفيع رحہ هن آيت جي نهايت عمده تشريحي فرمائي آهي، لکن ٿا:

"هتي هڪڙي ڳالهہ غور ڪرڻ جي قابل آهي ۽ ان ۾ غور ڪرڻ سان هڪ وڏي علم جو دروازو کلي ٿو، اهو هي تہ صراط مستقيم جي تعين جي لاءِ بظاهر صاف ڳالهہ تہ اها هئي تہ "صراط الرسول" يا صراط القرآن فرمايو وڃي ها، جيڪو مختصر بہ هو ۽ واضح بہ ، ڇاڪاڻ تہ سمورو قرآن درحقيقت صراطِ مستقيم جي تشريح آهي ۽ رسول اللهﷺ جن جي سموري تعليمات انهي جي تفصيل آهي، پر قرآن جي هن مختصر سورة ۾ اختصار ۽ وضاحت جي هن پهلو کي ڇڏي صراط مستقيم جو تعين فرمايو تہ جيڪڏهن سڌي رستي تي هلڻ گهرو ٿا تہ انهن ماڻهن کي ڳوليو ۽ سندن طريقي کي اختيار ڪريو ، قرآن ڪريم هتي ائين نہ فرمايو تہ "قرآن جو رستو اختيار ڪريو، ڇو تہ رڳو آسماني ڪتاب، انساني تربيت جي لاءِ ڪافي نہ آهن، ۽ نہ ائين فرمايو تہ "رسول الله جو رستو اختيار ڪريو ، ڇو تہ رسول ڪريمﷺ جن جي بقا هن دنيا ۾ دائمي ناهي ۽ نہ ئي پاڻ سڳورن کانپوءِ ڪو نبي يا رسول ايندو تنهنڪري صراطِ مستقيم جن ماڻهن جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي، انهن ۾ نبين کان سواءِ اهڙا حضرات شامل آهن، جيڪي قيامت تائين هميشه موجود رهندا، مثلا صديقين، شهداء ۽ صالحين وغيره.

خلاصو هي آهي تہ سڌو رستو معلوم ڪرڻ لاءِ حق تعاليٰ ڪجهہ رجال ۽ ڪجهہ انسانن جو ڏس ڏنو آهي، ڪنهن ڪتاب جو حوالو ناهي، هڪ حديث ۾ آهي تہ جڏهن رسول ڪريمﷺ جن اصحاب سڳورن کي خبر ڏني تہ گذريل امتن وانگر منهنجي امت بہ ستر فرقن ۾ ورهائجي ويندي، ۽ انهن منجهان هڪڙي جماعت حق تي هوندي، اصحابين سڳورن پڇيو تہ اها ڪهڙي جماعت آهي؟ ان تي بہ پاڻ



سڳورن جيڪو جواب ڏنو آهي، ان ۾ بہ ڪجهہ رجال الله جو ذڪر آهي، فرمايائون تہ "ما انا وعليه اصحابي" يعني حق تي اها جماعت هوندي، جيڪا منهنجي ۽ منهنجي اصحابين جي طريقي تي هوندي، هن خاص طرز ۾ شايد هن طرف اشارو هجي تہ انسان جي تعليم ۽ تربيت، رڳو ڪتابن ۽ روايتن سان نٿي ٿي سگهي، بلڪ رجال، ماهرين جي صحبت مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، يعني درحقيقت انسان جو مربي ۽ معلم انسان ئي ٿي سگهي ٿو، رڳو ڪتاب، معلم ۽ مربي نٿا ٿي سگهن. بقول اڪبر الہ آبادي مرحوم:

کورس تو لفظ ہی سکھاتے ہیں
آدمی' آدمی بناتے ہیں

(معارف القرآن، جلد اول صفحہ نمبر۹۲ — ۹۳)

انساني شخصيت جي باري ۾ هن نڪتي کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي تہ هن ۾ حجابن (پردن) جو هڪ اڻ ڪٿ سلسلو موجود آهي، وڏ ماڻهپ جو حجاب، جذبئہ شهرت ۽ نام ونمود جو حجاب، حرص وهوس جو حجاب، حسد ۽ ضد جو حجاب، نفس جي يرغمال ڪيل عقل جو حجاب، پنهنجي وڏڙن جي ديني فهم تي بي اعتمادي جو حجاب، اهل حق ۽ اهلِ فضل گهٽ سمجهڻ جو حجاب، علم ۽ ذهانت جو حجاب،خودپسندي ۽ پاڻ پڏائڻ جو حجاب، پاڻ کي عابد وزاهد ۽ خادم دين سمجهڻ جو حجاب، مڪر و فريب جو حجاب، سُستي ۽ غفلت جو حجاب، خراب عادتن تي ڄمي رهڻ جو حجاب، دل ۽ روح جي صدا تي لبيڪ نہ چوڻ جو حجاب، فطرت جي آواز تي ڪن تار ڪرڻ جو حجاب، اندر جي مفتيءَ کان لاپرواهي جو حجاب، وغيره، وغيره. انهن ۾ هرحجاب اهڙو آهي، جيڪو فرد و افراد کي غيرمتوازن بنائڻ ۽ ڪين دعوي جي راه تي گامزن ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، انهن حجابن جي نوعيت کي سمجهي، انهن کان بلند ٿي، للهيت ۽ بي نفسي سان حياتي گذارڻ ۽ دين کي لاڳو چئلينج جي ڪم ڪي،

نفس جي خواهشن جي ملاوٽ کان پاڪ ڪري، صرف رب تعاليٰ جي رضا لاءِ سرانجام ڏيڻ، اهو اهلِ الله جي صحبت کانسواءِ تمام ڏکيو آهي.جيتوڻيڪ پنهنجي ذاتي ڪوشش سان ڪجهه حجابن مان سلامتي سان نڪري سگهجي ٿو، پر، دعوي، ڏيکاءَ ۽ حرص ۽ هوس جهڙن حجابن مان بچي نڪرڻ، انتهائي مشڪل آهي. بلڪ، انهن بيمارين جوشعور ۽ ادراڪ هجڻ بہ مشڪل آهي، اهلِ الله جي صحبت جي سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي تہ، طالب جڏهن پنهنجي دل ان جي حوالي ڪري ٿو تہ سندس دل ۾ اوچتو اخلاص، يقين، بي نفسي ۽ للهيت جون شعاعون داخل ٿيڻ شروع ٿين ٿيون (جيڪي ايمان ۽ اخلاص جي ظاهري حالت تي غالب ٿين ٿيون) جنهن سان فرد ۾ نئين معنوي ۽ حقيقي زندگي جي تخليق جو عمل شروع ٿئي ٿو. صحبت جو عمل جيئن، جيئن اڳتي وڌي ٿو، هن نئين تخليقي زندگي جي ارتقا جو سلسلو جاري رهي ٿو.

هن نئين تخليقي زندگي جا ڪجهه جزا هي آهن.

ذڪر سان مناسبت جو تعلق وڌي ٿو، باطني خرابين کان بچڻ جي سلسلي ۾ حساسيت تيز کان تيز تر ٿيڻ لڳي ٿي، پنهنجي ذات سان ٻين کي اذيت نہ پهچائڻ جي ڪوشش ۾ واڌارو اچي ٿو، دولت ۽ دنيا جي محبت دل مان نڪري وڃي ٿي، آخرت جي ڪاميابي ۽ ان جي تياريءَ جي ڳڻتي غالب ٿيڻ لڳي ٿي. محبت، رواداري، برداشت ۽ معرفت جا شعلا وڌڻ لڳن ٿا، دل ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي، جنهن سان ٻين جي زيادتين کي معاف ڪرڻ جو جذبو بيدار ٿئي ٿو، ردعمل، احساسِ ڪمتري ۽ احساس برتري جي صورت ختم ٿئي ٿي، نفس پرستيءَ جي قوتن جي خلاف جدوجهد جو عمل تيز ٿيڻ لڳي ٿو، جيڪو وقت ذڪر وفڪر ۽ معاشي جدوجهد کان بچي ٿو، ان جي هڪڙي، هڪڙي پل کي صحيح نموني استعمال ڪرڻ جي فڪرمندي غالب ٿئي ٿي، ۽ حميتِ دين پيدا ٿئي ٿي.



اهي ۽ اهڙي قسم جون گهڻيئي خوبيون آهن، جيڪي اهلِ الله جي صحبت جي نتيجي ۾ حقيقي طالبن ۾ پيدا ٿيڻ لڳن ٿيون.

جيتوڻيڪ اڄوڪي دور ۾ ٻين ادارن ۽ شعبن وانگر تصوف ۾ بہ خرابيون پيدا ٿي چڪيون آهن، هٿ ٺوڪئي صوفين، تصوف کي دڪانداريءَ جي شڪل ڏني آهي، پر الله جي محبت جا حقيقي رازدان درويش قيامت تائين موجود رهندا، اها الله جي سنت آهي ۽ سندس واعدو آهي، حقيقي طلب ۽ ڳولا سان، انهن تائين آسانيءَ سان رسائي حاصل ٿي سگهي ٿي.

موجوده دؤر ۾ معاشري کي ماديت پرستي جي عالمگير لهر کان بچائڻ ۾ ناڪامي جو هڪڙو بنيادي سبب اهو آهي تہ، دين سان لاڳاپيل طبقا، خاص ڪري جديد طبقا ۽ علماءِ ڪرام، نفس پرستيءَ جي تباهہ ڪن داخلي قوتن جي سنگيني کي سمجهي، ان جي اصلاح جي فڪر کان بي نياز ٿي، رڳو ظاهري علم، ذهانت ۽ قيل قال سان جديديت جي طوفان جو مقابلو ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪو ظاهر آهي تہ ممڪن ناهي، الله جي اها سنت آهي تہ، نفس پرستيءَ جي بيروني ۽ خارجي قوتن جي مقابلي کان اڳ، نفس پرستيءَ جي داخلي قوتن جو مقابلو ضروري آهي، ٻي صورت ۾، فرد نفس جي داخلي قوتن ۽ ان جي حملن کان نٿو بچي سگهي.

اسان جي تاريخ اها آهي تہ سلف کان خلف تائين سمورن اسلام جي سلسلي کي قائم رکيو ۽ ان کي اسان تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب رهيا، جڏهن تہ اسان، اسلام کي قائم رکڻ ۽ ان کي نين نسلن تائين پهچائڻ ۾ ناڪام آهيون، ان جو بنيادي ڪارڻ هڪڙو ئي آهي، اهو هي تہ صدين تائين معاشرو ،هلِ الله جي صحبت جي معاملي ۾ حساس هو، ان ڪري هو پنهنجن سيني ڪمزورين جي باوجود اخلاقي ۽ روحاني اعتبار سان طاقتور هو ۽ بُرائي جي خلاف معاشري جي اجتماعي حس غالب هئي. جڏهن تہ مسلم تاريخ ۾ پهريون پيرو

جديديت جي طاقتور لاڙن جي اثر هيٺ نئين نسل جي ذهن ۾ هن سوچ ڪر ڪنيو آهي تہ ، "ظاهري علم ئي سڀ ڪجهہ آهي" ۽ تزڪيي جي لاءِ مزڪي جي ڪا ضرورت نہ آهي" ان لاڙي جي غلبي سبب اصلاح جي لاءِ ٿيندڙ سڀ ڪاوشون مونجهارن جو شڪار آهن ۽ حقيقي درويشن جو خانقاهون خالي آهن.

تزڪيي ۽ باطني اصلاح جي لاءِ قرآن ۽ سنت جي تعليم ۽ سلف جي سلسلي جي پيش نظر اسان کي جديديت پاران پيدا ڪيل، نمائشي ۽ ظاهري علم کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ واري نڪتہ نگاه تي نظرثاني ڪرڻي پوندي.

اڄوڪي دور ۾ انتهائي خطرناڪ ۽ طاقتور عالمگيري فتنن جي مقابلي لاءِ طاقتور ايمان ۽ غيرمعمولي اخلاقي ۽ روحاني قوتن جي گهرج آهي، جيڪي تزڪيي جي عمل جي ذريعي ئي حاصل ٿي سگهن ٿيون ۽ تزڪيي جي عمل جو تعلق ڪتاب ۽ علم سان ناهي، بلڪ ان جو تعلق مزڪي ۽ مربي جي شخصيت سان آهي، مربي ۽ مزڪي جي حياتيءَ جو ڳچ حصو ، اهلِ الله جي صحبت جي ذريعي، نفس پرستي جي خوفناڪ درندن جو مقابلو ڪري، ڪين ماري مات ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، انهن جي لاڳيتي صحبت سان ئي طالب، انساني اوصاف ۽ روحاني جوهرن سان مالا مال ٿي، پنهنجي لاءِ، معاشري جي لاءِ ۽ اهلِ اسلام جي لاءِ خير و برڪت جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

هن سلسلي ۾ حضرت مجدد الف ثاني، سلف جي احساسن ۽ سندن فڪر جي ترجماني ڪندي جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، اهو اسان جي لاءِ غور جي قابل آهي.

هڪڙي خط ۾ فرمائين ٿا.

"درويشن ڪان اها بي نيازي، سرڪشي ڪانسواءِ ڪجهہ ناهي، حضرت خواجا نقشبند قدس الله سره فرمايو آهي تہ، "پهرين اهل الله جي سامهون نياز منديءَ جو اظهار ٿئي، ان ڪان پوءِ سندن طرفان دل جي درست ڪرڻ جي تدبير ٿيندي" بس، توجہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ طالب جي نياز مندي ۽ عاجزي شرط آهي." (مڪتوب 157 دفتر اول)



ٻي خط ۾ لکن ٿا:

هڪ بزرگ فرمائي ٿو ، يا الاهي! هي ڇا ماجرو آهي جيڪو تو پنهنجي دوستن سان اختيار ڪيو آهي، جيڪو انهن درويشن کي سڃاڻي ٿو وٺي، اهو تو تائين رسائي ٿو حاصل ڪري، ۽ جيستائين تو تائين رسائي نٿي حاصل ٿيئي، تيستائين هُنن کي نٿو سڃاڻي." (مڪتوب 157 دفتر اول)

آخر ۾ معافي ٿو چاهيان تہ توهان جهڙن علم جي صاحب شخصيتن جي سامهون، پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ ڳالهيون ڪيم . الله اسان کي اخلاص سان پنهنجي دين جي تحفظ ۽ بقا ۽ معاشري جي اسلامي خطوط تي تعمير جي سعادت نصيب فرمائي. **(آمين)**

سنڌيڪار: عبدالهادي ٽيپو

# ڪائنات

## اتفاقي حادثو يا رٿيل منصوبو

### گُل مان سبق

### از ميرٽ اسٽينلي ڪاندان

### (پي ايچ ڊي) (آمريڪا)

گهڻا سال ٿيندا، پنسلوانيا جي هڪڙي ويران بيابان رستي تان لنگهندي رستي جي ڪپ سان گلاب جي سهڻن گلن سان جهنجهيل هڪڙو ٻوٽو ڏٺم. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪنهن شخص هاسيڪار ڪوشش ڪري اهو ٻوٽو اتي هنيو آهي، ۽ تمام خوبصورتيءَ سان ان جي چانگ بہ ڪئي آهيس. ڪجهه وقت ڪانپوءِ وري منهنجو اتان لنگهڻ ٿيو تہ ڏٺم تہ ان ٻوٽي جي چوڌاري ڊنل پٽ بہ آهي، جنهن ۾ جهنگ پيدا ٿي پيو آهي. ان جاءِ جي چوڌاري چئن فرلانگن تائين ڪا بہ آبادي يا ڪا عمارت موجود ڪا نہ هئي. ان جو تہ هتي ڪو امڪان ئي ڪونہ هو تہ ان گلاب جو ڪوبج يا ڪا ٽاري هوا جي زور تي اڏامي يا پاڻي جي وهڪري ۾ وهي هتي آئي هوندي، ۽ پاڙ هڻي وئي هوندي. يا ڪنهن پکيءَ جي وٺ يا چوپائي مال جي ڇيڻي وسيلي ان جو تخم ڦُٽو هوندو. منهنجي وجدان چيو تہ پڪ سان هتي ڪڏهن ڪو نفيس



ماڻهو اچي رهيو هوندو جنهن پنهنجي گهر جي اڳيان گلاب جو اهو ٻوٽو پوکيو هوندو.

جيتوڻيڪ نہ تہ اهو ٻوٽو منهنجي اڳيان پوکيو ويو هو ۽ نڪي مون وٽ ڪا اهڙي ثابتي موجود هئي، تہ هتي ضرور ڪو ماڻهو اچي رهيو هوندو. پر ان هوندي بہ منهنجي مشاهدي مون کي اهو سمجهڻ تي مجبور ڪيو تہ هن ٻوٽي جو هن جاءِ تي موجود هئڻ، ان کانسواءِ ممڪن ڪونهي تہ ان ۾ ڪنهن انساني ذهن ۽ انساني هٿ جي ڪاروائي هجي.

هڪڙو دفعو تہ توهين هن مثال ۾ هن دليل تي پڪ سان کلندا تہ موجوده سائنسي دنيا ۾ اهڙي قسم جي دليل جو ڪهڙو واسطو، پر ٿورو غور ڪندا تہ توهين اهو مڃڻ تي مجبور ٿي ويندا تہ انهيءَ دليل تي اسان جي هڪڙي قديم علم (يعني علم فلڪيات) جي پيڙهہ ٻڌل آهي. اسين مختلف سيارن، ستارن ۽ ڪهڪشائن کي پنهنجي علمي تجربن ۽ تجزين لاءِ نہ تہ انهن کي سندن محورن ۽ مدارن کان هٽائي سگهون ٿا ۽ نڪي ڪائناتي شعاعن جي وجود کي ختم ڪري سگهون ٿا. ان نظريي يعني روشنيءَ جي اصول مطابق زمين ۽ ٻين سيارن (گرهن) جي وچ ۾ Doppler Effect (جو هي نظريو ٻڌائي ٿو تہ روشني ۽ آواز جي لهرن جي تعداد ۾ مفاصلي جي گهٽ وڌ هئڻ جي ڪري نسبتي تبديلي ايندي آهي) جي تصور مطابق زمين ۽ ڪن ٻين سيارن جي وچ ۾ موجود تمام وڏن مفاصلن جو تمام گهرو اثر پئجي سگهي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ تارن جا ڪي اهڙا ميڙ جيڪي ڌرتيءَ کان بيحد پري آهن، تيز رفتاريءَ ۾ روشني جي رفتار کان بہ وڌيڪ ٿي وڃن ۽ ڪائناتي شعاعن جي تهہ کي پار ڪري اسان جي نظرن کان

گم ٿي وڃن، پر اسين انهن عاملن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار ڪرڻ تي قادر نه آهيون. اسين پري ويهي انهن جو تماشو ته ڏسي سگهون ٿا پر انهن کي پنهنجن تجربن جي آماج گاهه بنائي نٿا سگهون.

اهو ئي سبب آهي جو اسان کي گهٽي حد تائين مختلف آسماني گرهن جي نظامن جي تحقيق ۽ تفتيش ڪرڻ وقت ان امڪان تي ئي ڀروسو ڪرڻو پوي ٿو ته انهن مختلف گرهن جي نظامن جي هڪٻئي تي اثر انداز ٿيڻ جي عمل ۾ هڪجهڙائي موجود آهي، بلڪل ائين جيئن اسين ان مفروضي تي ڀروسو ڪريون ٿا ته جن قدرتي قانونن جا مادو ۽ توانائي پابند آهن، ته اهي ساڳيا قانون ڪنهن به سالمي يا ائٽم جي جزن سان به لاڳو ٿين ٿا. جڏهن ته اهي جزا جن مان سالما يا ائٽم ٺهيل هوندا آهن، ڪڏهن به اسين انهن جو پنهنجين اکين سان مشاهدو ڪري نٿا سگهون، پر آسماني گرهن ۽ سيارن جو ته نه رڳو اسين مشاهدو ڪري سگهون ٿا پر انهن جي ظاهري ۽ حقيقي چرپرجي وچ ۾ فرق به ڪري سگهون ٿا.

سالمي يا ائٽم جي ترڪيبي جزن جو اڄ تائين اسين سنئون سڌو مشاهدو ڪري نه سگهيا آهيون، تنهن هوندي به انهن جي نظر نه ايندڙ ترڪيبي جزن جي بناوت ۽ انهن جي اثرن بابت اسان جا نظريا، پهرئين ايٽم بم جي عملي تجربي کانپوءِ بلڪل صحيح ثابت ٿي چڪا آهن، ان مان اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته جيتوڻيڪ مختلف نظر نه ايندڙ ذرڙن مان ٺهيل سالمو يا ايٽم، يا وري بيشمار آسماني گرهن تي ٻڌل ڪهڪشان آهي، سا جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر ان تائين اسان جي رسائي ناممڪن آهي. ٻنهي شين جو حسابي عمل ذريعي تجزيو ڪرڻ به ممڪن آهي ۽ تجربن مان حاصل ڪيل نتيجن جي



آثار تي انهيء حسابي عمل جي منطقي طرح تصديق به ڪري سگهجي ٿي.

حقيقت ۾ انهن ٻاهرين قدرتي منظرن جي گڏيل خاصيتن ۽ طاقتن، ۽ اسان جي مادي ماحول جي عنصرن ۽ جزن جي خاصيتن ۾ هڪ حد تائين يڪسانيت ۽ هم آهنگي اٽل آهي، يعني ڪائنات جي هن جوڙجڪ جي مختلف جزن ۾ اهڙي مناسبت ۽ يڪسان وجوديت هئڻ گهرجي جو انهن جزن جي گڏجڻ سان هڪ وحدت پيدا ٿي پوي. ان لاءِ ضروري آهي ته مابعد الطبيعيات ۽ ما فوق الفطرت نظام جي مدد ورتي وڃي ۽ ڪائنات ۾ يڪرنگي ۽ هم آهنگي کي مافوق الفطرت ۽ هتي جي طاقت جي ڪاروائي چئي سگهجي. اهڙي طرح ان ڳالهه لاءِ هڪڙو عقلي دليل پيش ڪري سگهجي ٿو، ته ساري ڪائنات ۾ هڪڙو ضابطو هڪڙي عملي وحدت ڪيئن ممڪن ٿي آهي، ڇو جو ماديت پرستي [1] ان لاءِ ڪو مناسب سبب پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ڏسڻ ۾ اچي پئي.

آئون پنهنجن شاگردن کان اڪثر اهو سوال پڇندو رهندو آهيان ته هو منهنجي ان ”خيال“ جو ڪيميائي تجزيو ڪري ان جا ترڪيبي جزا مون کي ٻڌائين، ان جي ڊيگهه ويڪر جي ماپ ڪري ان جو صحيح صحيح وزن معلوم ڪن، ان جو رنگ ان جي شڪل ۽ صورت جي پويان لڪل خاصيتون واضح ڪن ۽ ان جي اثرن بابت ٻڌائين.

---

[1] هي علم نفسيات وارن جو هڪڙو خاص ٽولو آهي جيڪو چوي ٿو ته عقل ۽ ذهن ڪا به شيء نه آهي. انسان جي عضون جو واسطو ڪنهن به هڪڙي مرڪزي طاقت سان نه آهي. انسان پنهنجي بدن جي جنهن حصي ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏئي ٿو سو وڌيڪ چڱي طرح وڌي ويجهي ٿو، نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڪو ماڻهو سنو ناچو ٿي پوي ٿو ته ڪو فلاسفر ۽ مفڪر بنجي پوي ٿو. اهڙي طرح هن تصور مطابق ڪائنات ۾ ڪنهن به ڪارفرما قوت ۽ طاقت جي اهميت ۽ ضرورت جو انڪار ٿئي ٿو.

ان جي بيهڪ ۽ چرپر جي رفتار ۽ چرپر جو طرف ظاهر ڪن. پر اهي دوست ”خيال“ جي طبعي اصطلاحن جي ڪا وصف مقرر ڪري ڪونہ سگهيا. ”خيال“ جي وصف بيان ڪرڻ لاءِ بهرحال علم طبيعات جي مروج اصطلاحن ۽ هلندڙ وصفن کان آزاد ٿي نوان اصطلاح ناهڻا پوندا.

هي هڪڙو اهڙو مسئلو آهي جنهن کي رڳو پوڳ سمجهي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ جيڪڏهن ڪائنات جي نظام ۾ موجود ماده ۽ ان کي ضابطي هيٺ رکڻ واري ڪار فرما روحاني ۽ مافوق الطبيعاتي طاقت جي وجود کي نہ مڃجي تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انساني ذهن ۽ ان جي خيالي قوت جي حقيقت تي ڪڏهن سوچيو ئي ڪونہ ويو آهي. ۽ جيڪڏهن دنيا کي فقط ماده جي ارتقائي عمل جو ڪرشمو ۽ ”خيال“ کي رڳو هڪ ماده جو روپ چوڻ تي اصرار ڪجي، تہ پوءِ اسين هي مطالبو ڪرڻ جا حقدار آهيون تہ خيال يا ذهن جو مادي اصطلاحن ۾ خاڪو ناهي پيش ڪيو وڃي ۽ هي اهڙو ڪم آهي جنهن کي اڄ تائين ڪو بہ ڪري نہ سگهيو آهي ۽ آئنده بہ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

ڊيما ڪريٽس، هابز يا جديد دهريت پسندن جا ماده پرست نظريا هجن، يا برڪلي ۽ هيگل جا نظرياتي مفروضا هجن، اهي سڀئي اهڙيون خيال آرائيون آهن، جن جو ڪوبہ تجرباتي بنياد ڪونهي ۽ نڪي عملي طرح ڪٿي بہ انهن جي تجربن جي تصديق ۽ تائيد ٿي سگهي آهي.

فطرت جي نظام جي باري ۾ هر ان خيال کي چيلنج ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ گهرجي، جيڪو هن ڪائنات جي سمورين



حقيقتن، عاملن، عنصرن ۽ خاصيتن جو ڪو معقول سبب پيش ڪري نہ سگهي.

سائنس هڪڙو اهڙو علم آهي جنهن جي بنياد تجربي تي رکيل آهي، پر تنهن هوندي بہ ان ۾ بشري ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جو امڪان آهي، سائنس فقط پنهنجين حدن اندر ئي معقول ۽ مدلل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اها فقط ظني ۽ اندازي سان حاصل ڪيل معلومات جي بنياد تي ئي ڪنهن حقيقت جي تشريح ۽ ڪنهن واقعي جي پيشينگوئي ڪري ٿي ۽ ان جي شروعات ۽ پڄاڙي فقط قياسن تي ٻڌل هوندي آهي. هتي نازڪ خبرداري ۽ يقين جو لنگهہ نہ هوندو آهي ۽ ان جي حاصل ڪيل نتيجن، خاص طور تي ارادن ۽ نسبتن ۾ هر وقت غلطيءَ جو امڪان هوندو آهي ۽ انهن نتيجن ۾ نئين معلومات ظاهر ٿيڻ جي بنياد تي هر وقت ترميم ۽ تبديلي ٿيندي رهندي آهي. سائنسي استنباط ڪڏهن بہ قطعي ۽ حتمي نہ هوندو آهي ۽ سائنسدان هميشه پنهنجي تحقيقات کي ائين چئي پيش ڪندا آهن. تہ هاڻي نئين معلومات جي آڌار تي اسان جي تحقيق هي آهي.

سائنس ناقابل رد ۽ مضبوط ڳالهہ سان شروعات ڪندي آهي، ۽ ضروري ناهي تہ اهي ڳالهيون بہ لازما حقيقت تي ٻڌل هجن. اهڙي طرح جڻ سائنس جي طرفان تيار ڪيل معلومات جو بنياد بہ فلاسافي جي تصورن تي ئي قائم هوندو آهي. ۽ مذهب ۽ فلاسافي وانگر سائنس بہ ڪنهن حقيقت کي پرکڻ لاءِ اصل ڪسوٽي ذاتي تجربن کي ئي مقرر ڪري ٿي. هڪڙي سائنسدان جا حاصل ڪيل نتيجا سمورن سائنسدانن وٽ بہ درست ۽ مڃڻ لائق سمجهيا ويندا آهن، ان هوندي بہ مظاهر فطرت جي باري ۾ اسانجا ذاتي تصور وڏي حد تائين اضافي (Relative) ۽ مشروط (Conditional) هوندا آهن.

بهرحال اهي پابنديون سائنسي گواهي جي طريقي جي قدر قيمت کي ختم نٿيون ڪن، پر اهي ڪوشش ۽ جدوجهد جي هڪڙي واٽ ۽ طريقو مقرر ڪن ٿيون، ۽ نتيجن جي حدبندي ڪن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو علم طبيعات اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نٿو ٿئي، جن جو ڪو مادي وجود يا ڪيفيت نہ هوندي آهي ۽ جن جو تجزيو يا تحليل ممڪن نہ هوندي آهي. اهو سوال تہ ڪو خدائي وجود آهي يا نہ، اهو بہ بظاهر اهڙي ئي قسم جو مسئلو آهي.

پر جيڪڏهن روحاني وجود، مادي وجود تي اثر ڇڏي ٿو ۽ ان جا ڪيترائي مضبوط ثبوت بہ ظاهر ٿيندا رهندا آهن، تہ پوءِ اهو مسئلو هر طرح علم طبيعات جو مسئلو بنجي وڃي ٿو ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هر مناسب ۽ معقول طريقو ۽ تدبير اختيار ڪرڻ گهرجي.

ان ڳالهہ جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا تہ سائنس ۽ علم طبيعات، مابعدالطبيعاتي وجود کي امڪان کان خارج نٿا ڪن، جيتوڻيڪ هو ان موقف جي حق ۾ بہ ڪو نہ آهن تہ ان جي وجود جي مڪمل تصديق يا ترديد ڪري سگهن، يا انهن غير مادي وجودن جو عملي دائرو مقرر ڪري سگهن. عقل ۽ شعور جي هن دنيا ۾ جتي هر شي تي عقل ۽ حڪمت جي حڪمراني آهي، اسان کي اهو معلوم ڪرڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ هئڻ نہ گهرجي تہ هن مادي دنيا کان مٿي آفاقي عالم ۾ بہ ساڳئي طرح شعور ۽ ادراڪ جي حڪمراني هئڻ گهرجي، هي ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ جو نظام، هي پاڻيءَ جو نظام ، هي حيرت انگيز حياتياتي عمل، هي زمين تي سج جي گرمائش جو انجذابي عمل، جيڪو هتي زندگي کي برقرار رکڻ لاءِ بيحد ضروري ۽ اڻٽر



آهي، ساڳئي طرح بيشمار ٻيا انتظام، ان حقيقت ڏانهن رهنمائي ڪن ٿا تہ انهن جي پويان بہ ضرور ڪا اهڙي عقلمندي، حڪمت ۽ اهڙو دماغ ڪارفرما آهي، جيڪو انهن نظامن کي سٺي نموني هلائي رهيو آهي، آخر اها ڳالهہ ڪيئن مڃي سگهجي ٿي تہ هي سارو نظام فقط ڪنهن اتفاقي حادثي يا اوچتي ٽل مان وجود ۾ اچي ويو آهي، ان جي پويان ڪا حڪمت يا ڪا تدبير ڪارفرما ڪونهي، ۽ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ يڪسانيت ۽ عموميت، سببن جو فلسفو ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي اثر انداز ٿيڻ، ۽ بقا ۽ حفاظت، ۽ توازن ۽ اعتدال جا فطري قاعدا قانون، هن هر گهڙي بدلجندڙ ڪائنات ۾ سون هزار ورهين کان قائم ۽ برقرار هلندا اچن، ۽ انهن ضابطن ۽ قاعدن تي ڪائنات جي هر گوشي ۾ عمل بہ ٿيندو رهندو هجي، پر اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن محسوس ڪارفرما قوت ۽ هستيءَ کانسواءِ هجي، هڪ اهڙي دانا ۽ قدير خالق کانسواءِ جيڪو پنهنجي پيدا ڪيل ڪائنات ۾ پنهنجي ئي خلقيل عنصرن ۽ عاملن کان ڪم وٺي جهان جو انتظام قائم ۽ دائم رکي سگهي ٿو.

هن عجيب ۽ پراسرار ۽ لڳاتار هلندڙ ڪائنات ۾ اڄ تائين اهڙي ڪا بہ تحقيق سامهون ڪا نہ اچي سگهي آهي جيڪا هن حسن ۽ رعنائي سان ڀرپور ڪائنات جي پويان زمان ۽ مڪان جي حدن کان آزاد هستي خدا جي تصور کان ڪنهن بہ درجي ۾ انڪار ڪندڙ هجي، پر ان جي ابتڙ جڏهن بہ هن طبيعاتي جهان جي معلومات کي اسين سائنسدان پوري توجه ۽ احتياط سان تجزيو ۽ تحليل ڪريون ٿا، پوءِ پلي ڪٽي اهو استنباط ۽ استخراج جي ذريعي ئي چو نہ هجي، تہ اسين ان اڻڏٺي ذات جا قدرتي مظهر ۽ ان جي قدرت جون

ڪاريگريون چوڌاري ڏسون ٿا، جن کي فقط سائنسي تحقيقات جي ذريعي تلاش ڪرڻ بيڪار آهي. پر جنهن خود انسان کي تخليق ڪري ڪافي حد تائين بي نقاب ۽ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. سائنس ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ ناهي تہ هوءَ خدا جي خلقيل قدرتي مظهرن جي مطالعي ۽ مشاهدي جو ٻيو نالو آهي.



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

## موجوده دور ۾

## قومن جي وچ ۾ هلندڙ اصل جنگ

زير نظر مضمون هن ڪري بہ اهم آهي جو هن ۾ مسلمانن کي تهذيبي طور درپيش خطري کان آگاهہ ڪيو ويو آهي. (جيڪو گهڻي حد تائين هڪ حقيقت بڻجي چڪو آهي) اڄ کان ٽي سئو سال پهرين يورپي قومون، ياجوج ماجوج جي حيثيت سان ظاهر ٿي، عالم اسلام جي مؤثر علائقن تي غالب ٿي ويون. ان کان پوءِ ستر اسي سالن کان هن ياجوجي ماجوجي قوتن سان گڏوگڏ ، دجالي تهذيب جي علمبردار قوت آمريڪا (يهودي سرمائيدار جي تقليد ۾) هڪ خطرناڪ منصوبي تي عمل پيرا آهي، اهو منصوبو هي آهي تہ عالم اسلام تي هنن جي مادي تهذيب جو غلبو ٿي وڃي ۽ مسلمانن کي مسلمانن جي حيثيت سان زنده رهڻ نہ ڏنو وڃي، هن مقصد جي لاءِ مختلف طريقن سان اسان جي تعليمي نظام ۽ ميڊيا تي هنن جو مڪمل قبضو ٿي چڪو آهي، اسان جي معاشي، سياسي، تعليمي تربيتي سڀني پاليسين جو اختيار انهن جي هٿ ۾ هليو ويو آهي.

مسلمان ملڪن ۾، هڪ تہ چونڊن جي ذريعي ڪنهن ديني سياسي جماعت جو اقتدار ۾ اچڻ ڏکيو آهي، جيڪڏهن ڪٿي ائين ٿئي بہ ٿو تہ ، اتي فوجي قوت جي ذريعي انهن جي طاقت کي ختم ڪري ملڪ کي ماده پرستي جي راه تي آڻڻ جي آخري حد تائين ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، اهڙي طرح هن مهل ”تهذيبي تصادم“ عروج

تي آهي ۽ عالم اسلام جو درد مند مسلمان، بيوسيءَ جي تصوير بڻيل نظر اچي ٿو.

جديد تعليمي ادارن مان جيڪي نسلون تيار ٿي رهيون آهن، انهن جي سامهون دنيا کي خوبصورت ۽ بهتر بنائڻ کانسواءِ زندگيءَ جو ٻيو ڪو بہ مقصد نٿو هجي، ٻين لفظن ۾ اهي ياجوجي ماجوجي قوتن ۽ دجالي تهذيب جي علمبردارن جي فڪري، علمي، عملي ۽ تهذيبي نظريي کان پوري طرح متاثر ۽ مغلوب ٿي چڪا آهن. دين ۽ مذهب کي هو، ورد و وظائف ۽ مسجد تائين محدود سمجهن ٿا. عالمي ڪفر هاڻي ديني مدرسن جي باري ۾ فڪرمند آهي تہ هنن مدرسن جي ذريعي پيدا ٿيڻ واري اسلاميت ۽ مذهبي ماحول کي ڪيئن ختم ڪجي؟ هن مقصد جي لاءِ هنن، دنيادار حڪمرانن کي، مدارس کي قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ جو نعرو ڏنو آهي تہ ، هنن مدرسن کي مجبور ڪيو وڃي تہ هو پاڻ وٽ، جديد تعليمي نظام انگريزي ۽ ٽيڪنالوجي وغيره کي لازمي حصي جي طور تي مدرسن جي نصاب ۾ شامل ڪن.

ديني مدرسن جي مٿان عالمي ڪفر جي اها بدنظري، خطري کان خالي ڪانهي، جيڪڏهن هن کي پنهنجي هن ڪوشش ۾ ٿورڙي بہ ڪاميابي حاصل ٿي تہ، انهن مدرسن مان اهڙا ئي نفس پرست، پيٽ جي پوڄا ڪرڻ وارا، مادي دنيا تي فدا ٿيڻ وارا افراد پيدا ٿي نڪرندا، جيڪي جديد تعليمي ادارن مان ڳچ عرصي کان پيدا ٿي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ مغربي نظام تعليم ۽ ان جي نصاب ۾ماده پرستيءَ جي زهر کي اهڙي طرح ملايو ويو آهي، جو ان جي زهريلي اثرات کان نئين نسل کي بچائڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. انهيءَ نقطہ نگاه کان بہ مدارس



جو تحفظ، اهل مدارس ۽ سيني جي ذميداري آهي. البتہ جزوي اعتبار سان انگريزي ٻولي ۽ ڪمپيوٽر وغيره مان فائدو حاصل ڪرڻ، اهو هن کان مستثنيٰ آهي.

ديني مدارس جو اصل هدف ايثار، قرباني جو مظاهرو ڪري ۽ سادي زندگي گذاري، ديني تعليمات کي عام ڪرڻ ديني واخلاقي اعتبار سان معاشري کي سنڀالڻ ۽ "قال الله ۽ قال الرسول" جي صدا کي بلند ڪندو رهڻ آهي، اسان جو مشاهدو آهي تہ ديني مدارس مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ جيڪي افراد، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ استاد جي حيثيت سان ويا تہ ، نہ رڳو پنهنجي ظاهري مذهبي رنگ ڍنگ کي برقرار نہ رکي سگهيا بلڪ، دين جي جديد تعبيرن کان متاثر ٿي جديديت جي نذر ٿي ويا.

ديني سياسي جماعتن کي هي نڪتو سمجهڻ گهرجي تہ فڪري، نظرياتي ۽ تهذيبي اعتبار سان معاشري جي تبديليءَ کانسواءِ سياسي تبديلي، ڪا بہ اهميت نٿي رکي. هن سلسلي ۾ ديني و سياسي جماعتن کي جنهن نڪتي جي استحضار جي ضرورت آهي، اهو هي آهي تہ هن وقت عالمي سياست، معيشت، عسڪريت ۽ ميڊيا وغيره تي بين الاقوامي يهوديت ۽ ماده پرست مغربي سرمائيدار جو مڪمل قبضو آهي ۽ اسلامي دنيا جا حڪمران ۽ سڀئي مقتدر ۽ مؤثر طبقات، سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح هن عالمي شاهوڪار جي هٿن ۾ ڪيڏن ٿا اهي نہ چاهيندي بہ انهن جي تهذيب ۽ سندن پاليسين تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور آهن.

بين الاقوامي يهوديت ۽ عالمي سرمائيدار وٽ، قارون جو ايترو تہ خزانو موجود آهي جو عالم اسلام جا ڪروڙين ذهين افراد آسانيءَ سان خريد ڪري رهيو آهي، پر خريد ڪرڻ کان پهرين هو انهن کي،

پنهنجي نظام تعليم جي ذريعي پنهنجو همنوا بڻائي رهيو آهي. انهن حالتن ۾ معاشري کي ديني ۽ اخلاقي طور تي سنڀالڻ جي لاءِ جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن. بجاءِ ان جي، سياست ۽ سياسي تبديلين تي گهڻي ڀاڄ توانائي ۽ وسائل خرچ ڪرڻ. نه رڳو حڪمت عملي جي ابتڙ آهي بلڪ، ملت جي وسائل ۽ توانائين جو غلط استعمال به آهي. الجزائر ۽ مصر ۾ جيڪو ڊرامو ورجايو ويو آهي ۽ جهڙي طرح اسلامي جماعتن کي انتخابي ڪاميابيءَ جي باوجود ختم ڪرڻ لاءِ ڪچليو ويو آهي، ان منظر کي ڏسڻ کانپوءِ اکيون کولڻ جي ضرورت آهي، ۽ اهڙي طرح جي منصوبه بندي ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن سان مسلم معاشري جي نين نسلن جي دين و ايمان جي حفاظت جي صورت پيدا ٿئي، اسلامي تهذيب تي عمل پيرا ٿيڻ جي باري ۾ سندن باطني حس سجاڳ ٿئي ۽ مادي تهذيب جي خلاف سندن دل ۾ دين جي غيرت ۽ محبت جاڳي ۽ طاقتور ٿئي.

اهو ڪم اهڙو آهي، جيڪو وقت جي سڀ کان اهم ضرورت آهي ۽ دجالي تهذيب جي خلاف مسلم معاشري ۾ مضبوط بند، ٻڌڻ جي صورت به اها ئي آهي. يعني اسلام جي نظرياتي، اعتقادي، فڪري ۽ تهذيبي محاذ کي مستحڪم کان مستحڪم ڪرڻ جو ڪم ، ٻين سڀني ڪمن تي فوقيت رکي ٿو ، هن ڪم جي نتيجي ۾ ٻين سڀني محاذن تي ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو پاڻهي مهيا ٿيندا ويندا. **(محمد موسيٰ ڀٽو)**

گذريل ڪجهه سالن کان، انگريزيءَ جو هڪڙو لفظ مين اسٽريم (main stream) گهڻو استعمال ٿيڻ لڳو آهي، مين جو لفظي ترجمو ، سڀ کان وڏو ، بنيادي يا سڀ کان اهم آهي ۽ اسٽريم ندي يا دريا کي



چوندا آهن. اهڙي طرح انساني تهذيب ۽ تمدن جي به هڪ ”مين اسٽريم“ هوندي آهي، جيڪا ٻن طريقن سان پنهنجو رستو متعين ڪندي آهي، هڪ رستو اهو آهي جيڪو ، الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبرن جي ذريعي دنيا کي ٻڌايو ، ۽ انسانن جي تخليق کان وٺي حضور اڪرم ﷺ تائين اخلاق، اقدار ، رهڻي ڪهڻي، انساني رويا ۽ الله جي سامهون جوابدهي جي تصور سان دنيا کي هڪ مڪمل لائف اسٽائيل يعني طرز زندگي عطا ڪيو . اهو طرز زندگي يا الوهي لائف اسٽائل دراصل پهرين قسم جي ”مين اسٽريم“ آهي. ٻي ”مين اسٽريم“ اها آهي جيڪا هن الوهي ”مين اسٽريم“ يا لائف اسٽائل جي ضد ۽ مخالفت ۾ انسان خود پاڻ ترتيب ڏيندو آهي، صدين کان انسانن، پيغمبرن جي مخالفت اهڙي طرح ڪئي آهي، جو ان جي مقابلي ۾ هڪ نئون لائف اسٽائل به جوڙيو ۽ ان جي تحفظ جي لاءِ وڙهندا به رهيا.

حضرت لوط عليه السلام جي قوم ، غير فطري فعل کي پنهنجي لائف اسٽائل جو ضروري جز بڻايو ۽ انهن جي اڪثريت عين جمهوري مزاج طور ان فعل کي پنهنجي لاءِ جائز قرار ڏيئي ڇڏيو . اهو هنن جو ”مين اسٽريم“ يا قومي ڌارو هو. اهڙي طرح حضرت شعيب عليه السلام جي قوم ، ماپ تور ۾ گهٽتائيءَ کي پنهنجو لائف اسٽائل بڻائي ڇڏيو ۽ سموري قوم مان رڳو ڪجهه ٿورا ماڻهو اهڙا هئا، جيڪي هن مين اسٽريم کان الڳ هئا ۽ حضرت شعيب عليه السلام جو ساٿ ڏيندڙ هئا.

نمرود، شداد، فرعون ۽ هر ان ماڻهو جنهن پيغمبرن جي مخالفت ڪئي، سدائين دنيا کي هڪ جدا لائف اسٽائل ڏنو ۽ پوءِ ان جي تحفظ

جي جنگ وڙهندو رهيو. اهو ٻيو طريقو آهي، دنيا کي هڪ نئون طرز زندگي ڏيڻ جو اهي ٻئي طريقا، ازل کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هڪٻئي جو ضد رهيا آهن، پر جديد تهذيب جو ڪمال اهو آهي ته هن پنهنجي لائف اسٽائل کي ”مين اسٽريم“ جو نالو ڏيئي، سڄي دنيا کي هن ڳالهه تي مجبور ڪيو آهي ته، سڀني مذهبن وارا ”جديد مين اسٽريم“ جو حصو بڻجي وڃن.

انهيءَ جي ليکي اهو هڪ بين الاقوامي وَهڪرو آهي، جنهن ۾ علاقائي ۽ قومي وهڪرا شامل ٿي وڃن.انهن کي ٿورو پري تائين ته الڳ هلڻ جي اجازت آهي، پر انهن جو رخ ۽ سِمت بين الاقوامي وهڪري يا ”مين اسٽريم“ ڏانهن ئي هجڻ کپي نه ته اسان پنهنجي طاقت جي زور تي هنن جو رخ مَٽائي ڇڏيندا سين ۽ ان جو مظاهرو، ڪيئي دفعا هنن وٽان ٿيندو رهيو آهي. يارنهن سيپٽمبر واري واقعي ڪانپوءِ دنيا ۾ ٻه طاقتون پنهنجي ٻن ليڊرن جي زباني هن جنگ جو اعلان ڪندي نظر اچن ٿيون، ”آمريڪا ۽ برطانيه، اوباما ۽ ٽوني بليئر“ هنن ٻنهي هڪڙي ئي ڳالهه چئي آهي ته ”اسان ٻئي پنهنجي لائف اسٽائل جي تحفظ جي ويڙهه وڙهي رهيا آهيون“ هن لائف سٽائل، هن مين اسٽريم جي مقابلي ۾ ڪو به، عراق يا افغانستان ۾ نظر آيو ته ان کي تباهه ڪري ڇڏيندا سين ۽ جي اسان جي ملڪن ۾ ائين ٿيو ته حفاظتي قوانين ايترا ته سخت ڪري ڇڏيندا سين جو سندن ساهه به ڪٺڻ ڏکيو ٿي ويندو ۽ دنيا جي ٻين سمورن ملڪن کي مجبور ڪنداسين ته هو پنهنجي سمورن طبقن کي هن ”مين اسٽريم“ جي بين الاقوامي وهڪري جو حصو بڻائين.



هن بين الاقوامي وهڪري ۽ لائف اسٽائل کي ٻه بنيادي ادارا اڄوڪي دور ۾ جنم ڏين ٿا، هڪ ”ميڊيا“ ۽ ٻيو نُظامِ تعليم“ ميڊيا جيئن ته، سندن قبضي ۾ آهي ۽ هو هر ملڪ ۾ ان جي مخصوص آزاديءَ جو پاڻ تحفظ ڪرائيندا آهن، پر هر ان ملڪ ۾ جتي هن لائف اسٽائل جي واضح اڪثريت موجود آهي، اتي انهن جا تعليمي ماهر اچي پهچندا آهن، هر جاءِ تي سندن تعليمي ادارا کلي ويندا آهن، وظيفن جا انبار لڳايا ويندا آهن ته جيئن ماڻهو سندن يونيورسٽين ۾ وڃي تعليم حاصل ڪن ۽ واپس اچي انهن جي لائف اسٽائل جا وڪيل بنجي وڃن. نرسري نظمن کان وٺي، اي ليول ۽ او ليول جي ڪتابن تائين، ايتري قدر جو ملڪ جي علاقائي سليبس ۾ به اهڙي ماحول کي پيش ڪيو ويندو آهي، جيڪو هن ”مين اسٽريم“ لائف اسٽائل سان مطابقت رکندو هجي.

انساني تاريخ ۾ هن لائف اسٽائل جي مقابل سدائين هڪڙو ٻيو لائف اسٽائل رهيو آهي، جنهن کي الوهي هدايت يافته طرز زندگي چوندا آهن، پر گذشته ٽي سئو ساله تعليمي نظام ۽ گذريل هڪ سئو ساله معاشي ۽ عسڪري برتري، هڪ نئين واٽ ڪڍي آهي ته هن ”الوهي“ نظام جي پيروي ڪرڻ وارن کي به پنهنجي ”مين اسٽريم“ جو حصو بڻايو وڃي. پنجاه جي ڏهاڪي ۾ ريڊ ڪارپوريشن هڪڙي رپورٽ مرتب ڪئي هئي ته، سموري دنيا ۾ مسلمان مذهبي گروهن، تنظيمن ۽ پارٽين کي جيڪڏهن مين اسٽريم سياست يعني اليڪشن ۽ جمهوريت جو حصو بڻايو وڃي ته انهن ۾ جديد مغربي لائف اسٽائل جي مخالفت ختم ٿي ويندي، جيڪڏهن هو ائين

ڪنديون بہ تہ حڪومت جي اندر رهي ڪنديون، جنهن تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.

ان وقت ڪان اڄ تائين اسلامي سياسي پارٽيون شڪست در شڪست کائينديون رهيون آهن ۽ جيڪڏهن ڪٿڻ بہ لڳيون تہ الجزائر ۽ مصر وانگر انهن کي چيپاٽيو وڃي ٿو تہ جيئن هو اڀري نہ سگهن. پر انهن کي اصل خطرو هن نظام تعليم کان آهي، جيڪو مدرسن جي صورت ۾ اسلامي تعليم جي روح کي قائم رکيو ٿو اچي ۽ هُن ”لائف اسٽائل“ جي تحفظ جي جنگ وڙهي رهيو آهي، جيڪو رسول اڪرم ﷺ جن، چوڏنهن سئو سال اڳ انسانن کي عطا فرمايو هو.

هونئن تہ عام ماڻهن کي ان ڳالھ جو عادي بڻايو ويو آهي تہ ، توهان ٻارن کي ”مين اسٽريم“ يعني ايم. اي، ايم بي اي، ميڊيڪل ۽ انجينيئرنگ وغيره جي تعليم ڏياريو ، تہ جيئن دنيا ۾ ترقي ۽ ڪاميابي ماڻيو ، پر جيڪڏهن (هڪ مسلمان هجڻ جي ناتي) دل چوي تہ شروع ۾ ناظره قرآن پاڪ پڙهائي، ديني ذميداري پوري ڪريو ( ان تي بہ اڄوڪي دور ۾ 33 سيڪڙو ماڻهو مس عمل پيرا هوندا) هونئن تہ اڪثريت جي نظر ۾ ”مين اسٽريم“ جديد تعليم دنيا جي ڪاميابي جي لاءِ ضروري آهي ۽ آخرت جي ڪاميابي جي لاءِ ٿوري اضافي تعليم ڪافي آهي، اهو اُهو ئي لائف اسٽائل آهي، جيڪو مغرب وارن عيسائيت کي رياست مان ڪڍي سيڪولر اخلاقيات نافذ ڪري، عطا ڪيو هو جڏهن تہ اسان جي وڏڙن جو لائف اسٽائل (طرز



زندگي) اهو هو تہ ، اصل تعليم آخرت جي ڪاميابي جي لاءِ آهي ۽ ان سان گڏ دنيا جي ڪاميابيءَ جي تعليم بہ پرائڻ گهرجي.

اهو ئي سبب آهي جو ستن صدين تائين، مسلمانن منجهان دنيا جي علوم جي سربراهي ڪرڻ وارا اهڙا عالم پيدا ٿيا، جن جو طرز زندگي الله جي ٻڌايل اصولن جي مطابق هو. بو علي سينا ڪان وٺي ابن الهيشم ۽ جابر بن حيان تائين، جيڪي سيئي عالم ”فزڪس،“ ”ڪيميسٽري“ ۽ علم ”طب“ جيڪري سڃاتا وڃن ٿا، پنهنجي طرز زندگيءَ ۾ سچا ۽ مخلص مسلمان هئا، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ تعليم ۾ پهرين ترجيح اها تعليم هئي، جيڪا ٻانهي کي الله جي ويجهو آڻي ۽ آخرت ۾ ڪامياب ۽ سرخرو ڪري. پر گذريل چار سئو سالن ڪان مسلم دنيا جي مٿان مغربي قبضي، هڪ اهڙي لائف اسٽائل کي جنم ڏنو آهي، جنهن ۾ انساني زندگي جي ”مين اسٽريم“ دنياوي تعليم ٿي وئي آهي ۽ ديني علم کي چرچ وانگر ديني مدرسن تائين محدود ڪيو ويو آهي. يورپ ۾ اهو تجربو ڪامياب هو ، پادري بتيسمہ ڏيڻ، شادي ڪرائڻ ۽ تدفين جي رسمن تائين محدود هيو، هتي بہ جيستائين گورن جو راڄ رهيو، مولويءَ کي محدود رکيو ويو ، پر ان جي باوجود سموريون بغاوتون انهيءَ مدرسي جي مولويءَ ڪيون، ڦاسيون، جيل ۽ ڪاري پاڻيءَ جون سزائون بہ انهيءَ سٺيون.

هاڻي پنهنجي سخت جان رويي جي صورت، سموري مغربي تهذيب جي لاءِ هڪ خطرو بڻجي اڀريو آهي، سڄي دنيا جي ميڊيا جو رخ هن کي بدنام ڪرڻ ڏانهن آهي. هن جي لاءِ هڪ عجيب وغريب

نعرو بلند ڪيو ٿو وڃي تہ ، انهن کي ”مين اسٽريم“ تي آندو وڃي. انهن کي قومي، علاقائي ۽ بين الاقوامي وهڪري جو حصو بڻايو وڃي. هنن سمورن مدرسن کي مجبور ڪيو وڃي تہ جديد نصاب تعليم بہ گڏوگڏ پڙهائين. انهن جي لاءِ اهو لفظ استعمال ڪيو ٿو وڃي تہ، ڪين مين اسٽريم آندو وڃي، يعني انساني زندگيءَ جي معراج،ترقي ۽ ڪاميابيءَ کي، رڳو دنيا جي ڪاميابي ۽ ترقي مڃيو وڃي ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ کي هڪ اضافي ڪاميابي تصور ڪري ٿوري گهڻي تعليم ڏني وڃي. ائين هن سموري ديني تعليم جو رخ مين اسٽريم يا وڏي وهڪري ڏانهن پاڻهي مڙي ويندو.

جيڪي ماڻهو مدرسي جي طالب علم کي نئين تعليم سان سينگارڻ چاهين ٿا، تہ جيئن هو دنيا ۾ ڪاميابي ماڻين، اهي عام اسڪولن ۾ مذهبي تعليم جو نالو بہ ٻڌڻ گوارا نٿا ڪن، ڇا اوليول يا اي ليول جي شاگرد کي آخرت جي ڪاميابي ۽ ان جي علم جي حصول ۽ عمل جي ضرورت نہ آهي؟ اهي پنهنجي قومي وهڪري يا مين اسٽريم ادارن ۾ دين کي اضافي حيثيت ڏيڻ لاءِ بہ تيار ڪونهن ۽ ديني مدرسن کي قومي وهڪري ۾ شامل ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري وينا آهن. اها ترقي، تهذيب ۽ دهشت گردي نہ، بلڪ لائف اسٽائل جي جنگ آهي. اهو قومي، بين الاقوامي يا علاقائي وهڪرو نہ ، بلڪ حياتي گذارڻ جو طريقو آهي. اهو خساري جو سؤدو آهي ”دنيا ۾ ڪاميابي“ ۽ ”آخرت ۾ نقصان“ جو سودو.



علي اڪبر راهمون

# امام رباني جو فڪر ۽ فلسفو

## ۽ اسان لاءِ رهنمائي

هندوستان جي اسلامي تاريخ ۾ جهڙي طرح يارهين صدي هجري جو دور مغل سلطنت جي اوج جو دور چيو وڃي ٿو ، اهڙيطرح ساڳيو زمانو روحاني سلطنت ۾ امام رباني مجدد الف ثاني جي شهنشاهت جو دور ليکيو وڃي ٿو.

ان دور ۾ جڏهن هڪڙي پاسي مغل بادشاهہ اڪبر جي سرپرستي ۾ اٿندڙ تحريڪ دين الاهي روز بروز زور وٺي رهي هئي، عام مسلمانن ۾ الحاد ۽ گمراهي پکيڙي رهي هئي، شريعت جا ظاهري عالم ۽ درٻاري ملان مولوي بہ ان تحريڪ جو حصو بڻجي ڪري شهنشاهہ اڪبر اڳيان سر بسجود هئا، دهريت ۽ زنديقيت جي فلسفي کي فروغ ملي رهيو هو ، ۽ ڪل مذاهب اعليٰ حقيقتها (سمورا مذهب سچائي تي مبني آهن) جو فڪر سرڪاري سرپرستي ۾ سڄي هندوستان ۾ پکيڙيو پئي ويو ، فتح پور سيڪري ۾ خود شهنشاهہ اڪبر جي صدارت ۾ مختلف مذهبن جي عالمن کي ڪٺو ڪري، مذهبي فرق متائڻ ۽ هڪ دين الاهي کي رائج ڪرڻ جو تجربو جاري هو.

ٻئي پاسي فاروقي خاندان جو هڪ چشم چراغ شيخ احمد سرهندي پنهنجي والد محترم کان دين جي تعليم حاصل ڪري، مقامي عالمن کان حديث ۽ تفسير جي فراغت حاصل ڪري پوءِ

پنهنجي وقت جي بلند مرتبي وارن بزرگن کان روحاني سلوڪ جون منزلون طئي ڪندي، نقشبندي طريقت سان معرفت ۽ حقيقت جي منزل تي رسي چڪو هو.

حضرت مجدد الف ثاني رحمت الله عليہ اڪ پٽي تہ هندوستاني حڪمرانن، درباري عالمن توڙي عام مسلمانن کي سخت انتشار ۽ گمراهي جو شڪار ڏٺو. شريعت جا معتبر عالم توڙي وقت جا روحاني رهبر حڪمرانن جي حضور ۾ مصلحت ۽ خوشامدي خاطر جهڪيل ڏٺا، اسلامي تصوف ۽ وحدت الوجودي فلسفي جي غلط ۽ گمراھ ڪن تشريحون ٿيندي ڏٺيون. مسلمان صوفي توڙي شريعت جا عالم گمراهي ۽ الحاد جي ڏٻڻ ۾ ڏسجندي ڏٺا، ڪين اسلامي تعليمات جي روح ۽ فڪر جون حدون لتاڙيندي ڏٺا تہ فاروقي رڳ ڦڙڪي پيئي، اسلامي غيرت ڀڙڪي پيئي، هندستان جي هاڪارن حاڪمن، اسلام جي وڏن عالمن ۽ مصلحت پسند صوفين کي للڪاريندي پاڻ ميدان ۾ نڪري آيو. وحدت الوجود جي غلط تشريح کي وڏي واڪ چيلينج ڪيو. اسلامي تعليمات جي روشني ۾ معرفت حق جي نئين فلسفي وحدت الشهود کان مسلمانن کي روشناس ڪيو. ۽ اسلام، تهذيب جي ٻئين هزاري جي آغاز ۾ معرفت حق ۽ خداشناسي جو نئون پيغام پهچايو. هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ مسلمان عالمن، صوفين ۽ مشاهيرن سان مڪتوبات ذريعي رابطو ڪيو. ۽ انهن کي هندستان ۾ پکڙجندڙ گمراهي کان آگاھ ڪيو. ۽ صحيح فڪر ۽ سڌي رستي کان واقف ڪيو. حاڪمن ۽ اميرن کي خطن وسيلي دين الاهي جي گمراھ فڪر کان خبردار ڪيو. اهڙيطرح اسلام جي احياء ۽ اسلامي فڪر جي تجديد جي تحريڪ ڏسندي ئي ڏسندي ملڪ جي



ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙجي ويئي، دين الاهي جي فتني کي ٻنجو اچي ويو. يا هيئين چئجي تہ هن جي آڏو هڪ مضبوط بند ٻڌجي ويو. عالم اسلام جا مسلمان عام توڙي خاص سندس معرفت حق جي صحيح فڪر ۽ فلسفي، وحدت الشهود مان فيضياب ٿيا.

وحدت الشهود جي فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ کان پهرين ٻہ نڪتا سمجهڻ ضروري آهن. هڪ خدا تعاليٰ جو تصور ۽ ٻيو خدا تعاليٰ جي حقيقت ۽ ڪائنات جي وچ ۾ تعلق.سو پهرئين نڪتي جي وضاحت هن ريت آهي تہ خدا نور مطلق، خير مطلق ۽ حسن مطلق آهي، حقيقت ۾ خدا جي تعريف تہ ڪري سگهجي ٿي پر ان جي صورت ۽ خاڪو اوهان پنهنجي ذهن ۾ نٿا آڻي سگهو. چاڪاڻ تہ هو اسان جي وهم . گمان کان مٿاهين حقيقت آهي، حضرت موسيٰ عليہ السلام خدا جي جمال جي جلوي پسڻ جي خواهش ڪئي، جواب مليس، "لن تراني" (تون مون کي هرگز نٿو ڏسي سگهين) قرآن مجيد ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف ڪئي ويئي تہ "الله واحد آهي، هر قسم جي حاجت کان بي نياز آهي. تناسلي سلسلي کان بالاتر آهي، سندس خدائي ۾ ڪوبہ ان جو ڀاڱي ڀائيوار ناهي" صوفين جي هڪڙي جماعت جو خيال آهي تہ خدا جي معرفت انسان جي پنهنجي نفس ۽ روح جي معرفت تي منحصر آهي، جيئن توهان محسوس ڪندي ۽ يقين سان ڄاڻندي تہ انسان هن گوشت پوست ۽ هڏائي پڃري ۾ هڪ شعور يا لطيف روح ۽ بي ڪيف نور جو نالو آهي، اهو جڏهن جسماني پڃري کان جدا ٿي ويندو آهي تہ جسم جون سموريون توانائيون ڪافور ٿي وينديون آهن. جسم تي موت جي حالت طاري ٿي ويندي آهي، پر ان انساني روح کي ڏسي نٿا سگهون. جڏهن تہ انسان جي دل

دماغ تي هن جي ئي حڪومت هوندي آهي، هن ڪي وجدان کان سواءِ ڪنهن مادي تجربي سان اسين ثابت نه ٿا ڪري سگهون. بلڪل اهڙيطرح خدا تعاليٰ جي پاڪ ذات به روح اعليٰ آهي. جيڪو ڪائناتي وجودن جي روحن جو سرچشمو آهي. انڪري ئي ته بزرگن چيو آهي ته من عرف نفسه فقد عرف ربه. (جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو ڄڻ ته ان پنهنجي پالڻهار کي سڃاتو) اهو تصور خدا تعاليٰ جو تنزيهي آهي، جنهن مطابق خدا تعاليٰ جي ذات پاڪ اسان جي وهم گمان کان مٿاهين آهي ۽ سندس صفتون به سندس ذات پاڪ وانگر خيال گمان کان مٿاهون آهن. ٻيو تصور خدا جو شخصي آهي، جنهن ۾ ان هستي جون انساني صفتن جهڙيون صفتون سمجهيون وينديون آهن. اهو تصور عوامي آهي، جنهن مطابق خدا تعاليٰ جي ذات کي هڪ بادشاهه وانگر سمجهيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي تخت تي ويٺو آهي، فرشتا سندس حڪم جي بجا آوري لاءِ هر دم تيار بيٺا آهن، هو پنهنجي تخليق ۾ جڏهن جيئن وڻي تئين ڦيرڦار ڪري سگهي ٿو. وڻيس ته ڏهه ماري، وڻيس ته سئو ماري، وڻيس ته ڪنهن فرد يا قوم کي اقتدار سان نوازي ۽ عزت بخشي، وڻيس ته ذلت ۽ مظلوميت جو شڪار ڪري ڇڏي.

ٻيو نڪتو، خدا ۽ سندس مخلوق جي وچ ۾ لاڳاپو، هن بابت هڪڙي صوفين جي جماعت چوي ٿي ته ڪائنات جي ڪثرت ان واحد هستي جي وجود سان ئي جڙيل آهي. هيءَ ڪائنات سج، چنڊ، ستارا، انسان، حيوان سمنڊ، پهاڙ سڀ خدا تعاليٰ جي حقيقي وجود مان ئي جڙيل آهن. هيءَ ڪائنات ڏسڻ ۾ محض دوکو آهي، اصل حقيقته الحقائق هڪڙي آهي. درياهه ۾ اوهان لهرون لک هزار پسو ٿا پر پاڻي



هڪڙو ئي هوندو آهي، هيءَ جيڪا ڪائنات ۾ اوهان کي ڪثرت ڏسڻ ۾ اچي ٿي سا محض ڏيکاءُ آهي.

جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي، ته:

ڪثرت تان وحدت، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ڀل
هو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين

هن فڪر جو اسلامي تصوف سڀ کان پهرين مرتب ڪندڙ شيخ اڪبر ابن عربي هو. مسلمان عالم ۽ صوفي هن فڪر مان ڪيترين ئي صديون فيضياب ٿيندا رهيا. جڏهن مبالغي ۽ وڌاءَ اسلامي تعليمات ۽ فڪر جون حدون اورانگهيون ته نئين هزاري جي آغاز ۾ ئي حضرت مجدد الف ثاني اسلامي تصوف ۾ وحدت شهود جو نعرو بلند ڪيو، يعني خداشناسي جو نئون فڪر ۽ فلسفو ڏنو. اهڙيطرح عام مسلمانن، عالمن، صوفين ۽ اسلامي تهذيب کي گمراهي جي رستي تي گامزن ٿيڻ کان بچائي ورتو. امام رباني مجدد الف ثاني اعلان ڪيو ته ڪائناتي وجود، حقيقي وجود جو حصو ۽ جزو ناهن، نه وري هن مان جڙيل آهن. بلڪ اهي سڀ ڪائناتي شيون ذات حقيقي جي مشاهدي ڪرڻ جو مظهر ۽ آئينو آهن. ڪائناتي وجودن ۾ ذات حقيقي جو عڪس پسي سگهجي ٿو. ڪائنات جون سڀ شيون خدا تعاليٰ جي ذات کان بلڪل ڌار وجود رکندڙ آهن. جن ۾ جيڏانهن نهار ڪبي تيڏانهن صاحب سامهون نظر ايندو. جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمته الله عليه فرمايو آهي.

ايڪ قصر، درلک، ڪوڙين ڪڙس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جڏهن دين الاهي جي گمراهه ڪندڙ تحريڪ جو سد باب ڪرڻ لاءِ وحدت الوجودي فلسفي جي غلط تشريح جي مقابلي ۾ وحدت الشهود جو فلسفو پيش ڪيو ۽ علي الاعلان دين الاهي جي ترديد ڪئي، ته تاريخ جي دستور موجب درٻاري عالمن ۽ خوشامدي مولوين وقت جي بادشاهه جهانگير جا ڪن ڀريا، ته شيخ احمد سرهندي (امام رباني) باغي ٿي ويو آهي، کيس سزا ڏني وڃي ته عين انصاف وٽان آهي، بادشاهه ڪچن ڪنن جا ڏٽي هوندا آهن، انڪري فوري طور امام رباني جي حاضري درٻار شاهي ۾ ڪرائي ويئي، بادشاهه جي حضور ۾ سربسجود نه ٿيڻ ۽ حق جو ڪلمو چوڻ جي ڏوهه جي سزا طور اجين جي رياست ۾ قلعي گواليار ۾ کيس قيد ڪرائي ڇڏيو.جيئن جيئن مٿس قيد وبند جون صعوبتون ۽ سختيون آيون، تيئن صبر ۽ رضاء الاهي مان لطف اندوزي ۾ واڌارو ٿيو، حقيقت تان حجاب کڄندا ويا ايستائين جو وڃي حق حقيقي هيڪڙو ٿيو. امام رباني گواليار جي قلعي ۾ ئي قيد هو، ته جهانگير خواب ڏٺو، جنهن ۾ خود سرڪار دوجهان ﷺ کيس حضرت امام رباني جي شان متعلق خبردار ڪيو، بادشاه سجاڳ ٿيندي ئي امام صاحب جي آزادي جو حڪم جاري ڪيو ۽ وڏي شان شوڪت سان درٻار ۾ سندس استقبال ڪيو. قصور جي معافي ورتي ۽ طريقت ۾ داخل ٿيڻ جي درخواست ڪئي. جيڪا فوري طور قبول پئي. پوءِ امام رباني جيستائين حيات هو، تيستائين شاهي لشڪر ۾ رهي ڪري، بادشاهه، اميرن ۽ عام مسلمانن کي دين اسلام جي صحيح فڪر ۽ فلسفي جو سبق ڏيندو رهيو ۽ مسلمان امت کي، توحيد ۽ مظاهر عالم ۾ حقيقت جي مشاهدي جو پيغام پهچائيندو رهيو.

امام رباني مجدد الف ثاني رحمت الله عليه جي تعليمات جا ڪجهه اهم نڪتا هيٺين ريت آهن.



دل هر طرح سان خالي ۽ صاف ٿي پوي، ان ۾ صرف الله جو نالو رهجي وڃي ته اها توحيد آهي.

جيڪا شيء اوهان کي خدا تعاليٰ جي ذات کان غافل ڪري، سا دنيا آهي.

دنيا ۽ دنيا دار ماڻهن جي صحبت کان بچو.

صالحن ۽ بزرگن جي معروف واٽ وٺو.

بزرگي، وڏائي ۽ وڏ ماڻهپي جو تعلق ٻنهي جهانن جي سردار حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت تي هلڻ ۾ آهي، شريعت تي عمل ڪرڻ سان ان ۾ اضافو ٿئي ٿو.

شريعت جي ڪنهن هڪڙي حڪم تي عمل ڪرڻ ذريعي سرڪش نفس جي خواهشن تي قابو پائڻ، ان هزار سالن جي عبادت ۽ رياضت کان ڪيئي درجا بهتر آهي، جيڪا پنهنجي ذاتي خيال سان ڪئي وڃي.

هزار نفل کان هڪ فرض جي ادائيگي بهتر آهي.

هڪڙي ديني عالم لاءِ دنيا جي محبت ۽ رغبت، بدنما داغ مثل آهي. دنيادار ۽ نفس پرست عالم، دين جو چور ۽ ”علماءِ سوء“ ۾ شمار ٿئي ٿو، جڏهن ته هن جي مقابلي ۾ آخرت جو طلبگار عالم، پنهنجي خودي ۽ ارادي سان دنيا کي تياڳي ٿو، جيتوڻيڪ ظاهر ۾ دنيا وارن سان گڏ دنيا دار لڳي ٿو. خواجه بهاؤ الدين نقشبندي فرمايو، ته مون منيٰ جي بازار ۾ هڪڙو تاجر ڏٺو، جنهن اٽڪل پنجاهه هزار اشرفين جو سودو ڪيو، پر سندس دل هڪڙي گهڙي لاءِ به خدا تعاليٰ کان غافل نه هئي.

هڪ ڪامل مسلمان لاءِ چار شيون لازمي آهن. هڪ صحيح عقيدا، ٻيو، شريعت جي حڪمن جو علم، ٽيون، انهن تي عمل، ۽ چوٿون، نفس جو تزڪيو ۽ دل جي صفائي.

حاصل ڪلام تہ:

تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي آهي، اڄوڪي دور ۾ دين الاهي جي جاءِ سيڪيولرزم ۽ ٻين ڪيئي گمراه ڪن نظرين ۽ تحريڪن والاري ورتي آهي. اڄ بہ مسلمان جي لاءِ انواع انواع جي آزارن ۽ آزمائشن جو دور آهي. مسلم ملت جو شيرازو منتشر ۽ تتر بتر آهي. مسلمانن جو گذريل شان شوڪت ۽ دٻدٻو، ذلت ۽ مظلوميت ۾ بدلجي چڪو آهي. اسلامي تمدن ۽ روحاني تقدس تي مغربي تهذيب ۽ مادي غلاظت غالب اچي چڪي آهي. عام ماڻهو جي ذاتي توڙي سماجي زندگي ۾ اسلامي رنگ ڍنگ بدران مغربي ۽ لاديني رنگ ڍنگ غالب اچي چڪو آهي. مسلمانن جي مظلوميت ۽ بي حسي پنهنجي انتهاءَ تي پهچي چڪي آهي. احوال نفس تي توجه بي سود، ۽ قرآن، حديث جي هدايتن ۽ سبق آموز تمثيلن کي اساطير الاولين سمجهيو پيو وڃي. هر ماڻهو جو مطمع نظر، مقصد حيات ۽ آخرين منزل، مادي بهبود، دنيا ۾ خوشحالي ۽ نفساني لذت بنجي چڪو آهي.

اهڙين حالتن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اڄوڪو مسلمان، لادينيت ۽ گمراهي جي ڌٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهي. هن کاهي کي پار ڪرڻ لاءِ اڄ بہ امام رباني جو فڪر ۽ فلسفو رهنمائي جي مڪمل ۽ ڀرپور صلاحيت رکي ٿو. رڳو ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ امام رباني جي فڪر ۽ فلسفي کي گهر گهر پهچايو وڃي ۽ مسلمانن کي سندس ديني ۽ روحاني پيغام تي عمل ڪرڻ لاءِ آمادو ڪيو وڃي، تہ آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ اهو فلسفو اڄ بہ عالمگير انسان ذات لاءِ نجات جو ذريعو بنجي سگهي ٿو.



ڊاڪٽر محمد رفيع الدين

ٽين قسط

مسرور حسن

# لاديني عقليت واري سوچ

## ۽ معاشري تي ان جا اثرات

بيشڪ ڊارون جو ارتقائي نظريو لاديني عقليت پسندي واري سوچ سان مطابقت رکي ٿو . جنهن مطابق ارتقا واري عمل مان سڀ کان پهرين جيڪا شيءِ ظاهر ٿئي ٿي اهو مادي جو وجود آهي، جيڪو تمام تر طبعي قانون جو نتيجو آهي، ان کان پوءِ جانور جو وجود پنهنجي سيني جبلتن سان گڏ ظاهر ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ انسان اچي ٿو . پنهنجي شعوري ۽ شخصي صلاحيتون پنهنجي آئيڊيلز سان محبت جي اظهار جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿيون. جانور مادي جي تبديل ٿيل شڪل آهي، زندگي پڻ انهي تبديلي سان لاڳو آهي. جانور پاڻ ڪجهہ بہ نہ آهي پر محض مادي جي هڪ شڪل آهي. انهن لاديني سوچ جي علمبردارن مطابق انسان ۾ خواهش جي تمنا اصل ۾ سندس جانور واري فطرت جي عڪاسي آهي، تنهنڪري انسان پڻ جانورن واري جبلتي خاصيتن جي تبديل ٿيل صورت آهي. سندن خيال مطابق انسان جو وجود مادي جانور مان ٿيو آهي ۽ وري جانور جو وجود مادو آهي، اهڙي طرح انسان نيٺ مادي جي پيداوار قرار ڏنو وڃي ٿو.

فرائڊ مطابق انسان جو آدرشن جي تلاش ۾ رهڻ ان جي جنسي بگڙيل فطرت آهي، جيڪا پوءِ اُن کي مذهب، اخلاقيات، فنون لطيفہ،

سائنس، فلسفي ۽ سياست ڏانهن وٺي وڃي ٿي، جنهن جي اصل وجه ان جون نا آسوده جنسي خواهشات هونديون آهن.

ايڊلر مطابق انسان جي سڀني کان سٺي منزل جي تلاش جو اصل ڪارڻ ان جي پنهنجي پاڻ کي مڃائڻ واري بگڙيل خواهشن جي ڪري آهي، جيڪي تاريخ جي شروع کان وٺي هلنديون اچن، جن جي پويان اصل ڪارڻ زندگي جي بقاء واري جنگ آهي. جڏهن انسان جي ڪنهن خواهش جي تسڪين نه ٿيندي آهي ته پوءِ هو ان جي بدلي ۾ ڪو ٻيو آئيڊيل ٺاهي، ان جي جستجو ۾ لڳي وڃي ٿو ۽ اهڙي طريقي سان پنهنجي احساس ڪمتري جي تسڪين حاصل ڪري ٿو. ڪارمل مارڪس مطابق آئيڊيل جي تلاش جو اصل ڪارڻ انسان جي معاشي خواهش جي بگڙيل صورت آهي. انسان بظاهر ته آئيڊيل جي تلاش ۾ هوندو آهي، پر اصل ۾ ان جي ڪوشش پنهنجا معاشي حالات صحيح ڪرڻ هوندا آهن. ميڪڊوگل مطابق انسان اندر آدرش جي تلاش دراصل انسان جي انهي جبلت جو اظهار آهي، جنهن ۾ هو وقتا فوقتا پنهنجي پاڻ کي مڃائڻ جي ڪوشش واري جبلت جو اظهار ڪري ٿو . پر اهي تمام سمجهاڻيون، خامين سان لبريز آهن. مثال جيئن فرائڊ اهو سمجهائڻ کان قطعي قاصر آهي ته ڪيئن هڪ انسان جيڪو هن مطابق محض جنسي جبلت جي پيداوار آهي، ڪڏهن ڪڏهن ان جذبي مٿان حاوي ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هن جذبي کي پنهنجي زندگي مان بلڪل ختم ڪري ڇڏي ٿو. ايڊلر پڻ اهو سمجهائڻ کان لاچار نظر اچي ٿو، ڪيئن هڪ انسان ڪڏهن پنهنجي آدرش جي لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ، حالانڪ هن مطابق پنهنجو پاڻ



مڃائڻ زندگي جي بقاء لاءِ ضروري آهي، ڪارل مارڪس پڻ اهو سمجهائڻ کان لاچار آهي ته هڪ انسان پنهنجي آدرش (ideal) لاءِ فاقو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته موت کي پڻ قبول ڪري وٺي ٿو. حالانڪ مارڪس مطابق انسان آئيڊيل جي تلاش ۾ محض پنهنجا معاشي حالات سڌارڻ لاءِ اڳيان وڌي ٿو . اهڙي سوالن جا جواب انهن جي نظريات مان ملڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي، انهن مصنفن جي ذهني حالت ان شخص کان بلڪل مختلف نه آهي، جيڪو اهو نه ٿو ڄاڻي ته وڻ ڪيئن ۽ ڇو وڌي ٿو ۽ جيڪو محض انهي ڳالهه تي روز ڏي ٿو ته وڻ ۾ ڦرين ٽڙ ۽ پوءِ ان جون شاخون وڌن ٿيون ۽ آخر ۾ ان جو ٻج ان جي گل ۾ پيدا ٿئي ٿو . هو ٻج کي شروع کان نظر انداز ڪري ٿو، جيڪو وڻ جو اصل جوهر هوندو آهي، ڇو جو اهو ان شخص جي نظرن کان لڪيل زير زمين پيدا ٿئي ٿو . هو ته محض وڻ کي زمين مٿان وڌندڙ ڏسي ٿو جيئن هي شخص پنهنجي جهالت جي بنياد تي وڻ کي ٽڙ مان پيدا ٿيندو ڏسي ٿو ۽ ٻج کي نظر انداز ڪري ٿو اهڙي طرح اِ هي مصنف انسان کي مادي جي پيداوار قرار ڏيندي ان جي شعور جي نفي ڪري وڃن ٿا. جيڪو ان جي وجود جو اصل ڪارڻ آهي.

انهن مصنفن جي اها لاديني سوچ انهن کي انهي حقيقت کي ڏسڻ کان انڌو ڪري ڇڏي ٿي، جيڪي انساني شعور ذات ۾ ظهور پذير آهي ۽ جيڪا ارتقا واري عمل جو مٿانهون ۽ آخري نقطو آهي. اهو ئي شعور ذات انسان کي پنهنجي آدرش سان محبت ڪرڻ واري جذبي ڏانهن وٺي وڃي ٿو يا ايئن چئجي ته اِ هو جذبو انسان کي

ڪائنات جي اصل ۾ ان جي خالق ڏانهن وٺي وڃي ٿو . جيئن ٻج وڻ جي آخري حقيقت طور نمايان ٿئي ٿو.

”تنهنڪري انساني فطرت ۾ ان کان وڌو ڪو تقاضا نہ ٿو ٿي سگهي، جنهن ۾ هو پنهنجو آدرش انساني جبلت مان نہ ٿو اخذ ڪري جيڪو ارتقا جي دنيا ۾ هن کي جانورن کان ٿورو مٿي مقام تي رکي ٿو بلڪ هو پنهنجو آدرش فطري تقاضائي حسن وڪمال مان اخذ ڪري ٿو. جيڪو ٻين تمام حياتياتي جبلتن جي مٿان حاوي آهي.“

تنهنڪري اهو نقطو انساني فطرت ۽ انساني فطري تاريخ کي چڱي طرح واضح ڪري ٿو . جنهن جو بنياد مشاهدي ۽ تحقيق جي بنياد تي آهي ۽ جنهن کي ڪو ٻيو نظريو يا نظام وڏيڪ انهي حد تائين واضح نہ ٿو ڪري. تنهنڪري سائنسي نقطي نگاهہ کان پڻ انهي ئي اصول تي انحصار ڪيو وڃي جنهن کان فرار ناممڪن آهي. پر تصور ڪريو تہ اِ هو هڪ لاديني شخص لاءِ ڪيڏو نہ ڏکيو ۽ پريشان ڪندڙ خيال آهي.

ان نظريي مان مراد اِ ها آهي تہ انساني هر حرڪت چاهي اها معاشي، سياسي، اخلاقي، قانوني، علمي، فنڪارانہ هجي ان جي پويان هڪ چاهت جي تقاضائي آهي، تنهنڪري اها تقاضا ڪا جبلتن جي غلام نہ پر جبلتن کي پيدا ڪرڻ واري آهي ۽ انهن جبلتن کي هڪ وڏي حياتياتي زماني مان گذاري تخليق ڪيو آهي تہ جيئن اهي ان جي خدمتڪري سگهن. اصل ۾ اِ ها خالق جي ئي خواهش آهي جيڪا انسان ۾ پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ ڪم ڪندي رهي ٿي. اها ئي ماضي ۾ حياتياتي ارتقا جي عمل جو ڪارڻ هئي ۽ ان کان اڳ طبعي ارتقا جو ڪارڻ هئي ۽ هاڻ معاشرتي ۽ نفسياتي ارتقا جو پڻ



سبب آهي. طبعي ارتقائي سطح تي اِ ن پنهنجو پاڻ کي برقي توانائي طور ظاهر ڪيو . جنهن سبب هي مادي دنيا وجود ۾ آئي ۽ مختلف مرحلن مان گذاريندي هن مادي دنيا کي زندگي جي وجود ۾ اچڻ لاءِ تيار ڪيو. حياتياتي ارتقائي مرحلي ۾ هن جانور کي مختلف مراحل مان گذاري انساني ڪمال تائين پهچايو. انساني ارتقائي مرحلي ۾ هي انسان ۾ چاهت جي صورت نمودار ٿي ۽ ان جو مقصد نسل انساني کي انهي جي بلند ترين معاشرتي ۽ نفسياتي نقطي تي پهچائڻ آهي. جڏهن انسان پنهنجي ڪنهن چاهت جي حصول لاءِ ڪوشش ٿو ڪري تہ اِ ها ان کي ان جي ڪنهن بہ ٻئي جبلت کان وڌيڪ مزو ۽ سڪون مهيا ڪري ٿي، تنهنڪري هو پنهنجي چاهت جي حصول خاطر پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، پر ان تقاضا کي مڪمل ۽ مستقل بنياد تي اطمينان انتهائي خوبصورت ۽ ڪامل چاهت مهيا ڪري سگهي ٿي،جيڪا هڪ ئي وقت خوبصورتي، چڱائي، سچ، طاقت ۽ تخليقي قوتن جو مجموعو هجي،جنهن کي هڪ مذهبي شخص ”خدا“ سان تشبيهہ ڏي ٿو . اگر ڪو انفرادي شخص اهڙي هستي کان پيار نہ ٿو ڪري، ان جو تعليمي ماحول ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ اهو غلطي ڪندي ڪنهن ٻي هستي سان محبت ڪرڻ شروع ٿو ڪري، جيڪا هن کي بظاهر خوبصورت نظر اچي ٿي. پر اها ٻي چاهت اهي تمام خصوصيات نہ ٿي رکي، جيڪا حقيقي چاهت ۾ موجود هئڻ کپن پر انسان غلطي ڪندي پنهنجي فطرت جي فوري تقاضا کي اطمينان ڏيڻ لاءِ غيرشعوري طرح ان کي چاهت حقيقي سمجهي ٿو.

چاهت چاهي صحيح هجي يا غلط پر اُها هڪ اهڙي قوت ٿئي ٿي جيڪا هر انساني حرڪت چاهي اُها عالمانہ هجي، اخلاقي هجي يا روحاني کي متاثر ڪندي انهن سڀني حرڪات کي چاهت جي حصول لاءِ متاثر ڪندي، انهن کي ان جي زيراثر آڻي ٿي. اِ ها چاهت ان انسان جي تمام تجربات کي پڻ گڏائي، ملائي متاثر ڪري ٿي. ان مان اِ ها مراد ٿي تہ اگر انسان جي صحيح ۽ ڪامل هجي جيئن "خدا" تہ پوءِ ان جا تمام سچا تجربات ان مان ئي متاثر ٿيندا ۽ پوءِ ان کي انهن تجربات ۾ ردو بدل جي ضرورت نہ پوندي، پر اگر ان جي چاهت غلط هوندي تہ پوءِ ان جا سچا تجربات پڻ ان مان متاثر ٿيندا ۽ انسان هنن سچن تجربات کي پڻ ان ڪوڙ جي مطابق تبديل ڪرڻ ۾ مجبور ٿي ويندو. تنهنڪري انساني اخلاق ڪوڙي چاهت ڪري سچو ئي نہ ٿي سگهندو ۽ ان جو سائنسي علم پڻ سچو سائنسي علم ٿي نہ سگهندو.

جڏهن هڪ فرد سائنسي علم ڏانهن لاديني رويو رکي ٿو تہ ان مان مراد اها آهي تہ هو پنهنجي علمي حقيقتن کي صحيح چاهت جي ذريعي منظم ڪرڻ جي اجازت نہ ٿو ڏي. جيئن تہ ڪو بہ نظرياتي طور تي ڪنهن بہ نظريي جي حمايت کان خالي نظر نہ ٿو اچي، تنهنڪري هو پنهنجي نظريات کي ڪنهن غلط چاهت جي رنگ سان تشڪيل ڏي ٿو، جيڪا هن جي لاديني فڪر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل خال جو نتيجو هوندي، ان جي معنيٰ تہ لاديني سوچ هڪ فرد کي شين کي غلط پس منظر ۾ ڏسڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ اُن جو انساني، حياتياتي ۽ مادي علم ڪڏهن بہ صحيح نہ هوندو آهي،جيتوڻيڪ غلطي جو امڪان مختلف علوم جي ميدان ۾ مختلف هوندو آهي، جيئن هن جو



عقيدو ڪڏهن ڪوڙي خدا جي باري ۾ هن جي سائنسي علم سان مشابهت رکندڙ هوندو آهي. بدقسمتي سان اِ هو سمجهيو وڃي ٿو تہ لاديني سوچ ۾ خدا کي نہ مڃڻ وارو عقيدو بہ مختلف شيون آهن يا ائين چئجي تہ خدا تہ وجود رکي ٿو پر سائنسي علم جو ان سان ڪو تعلق ناهي. اهو ڪنهن ڪوڙي خدا متعلق تہ صحيح ٿي سگهي ٿو پر حقيقي متعلق نہ .

لاديني سوچ انساني ۽ معاشي سائنس جي ترقي ۾ خطرناڪ رڪاوٽ آهي پر اها حياتياتي سائنس جي ترقي ۾ تمام گهٽ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ جيترو هڪ سائنسدان پنهنجي حقيقي مقصد کان پري هوندو اوترو ئي هيءَ لاديني سوچ گهٽ نقصانده هوندي. هن جو سبب بلڪل واضح آهي جيترو هڪ سائنسدان هڪ غلط چاهت جي بنياد تي هڪ سوچ کي پنهنجي زندگي جو مقصد بنائي ٿو تہ پوءِ اُهو هن غلط سوچ کي انساني زندگي جو مقصد پڻ قرار ڏيندي ڪائنات جو مقصد پڻ سمجهڻ شروع ڪري ٿو . هن جي غلط چاهت ان جي تحقيق کي بدلائي ۽ موڙي ٿي، جڏهن هن جو تحقيقي مواد انساني دنيا متعلق ڪا ڳالهہ ڪري ٿو اها دنيا جيڪا انسان جي قبضي هيٺ ڪم ڪري ٿي يا هن جي چاهت هيٺ ڪم ڪري ٿي، تنهنڪري هو سياست، اخلاقيات،معاشرت، تعليم، قانون، فنڪارانہ صلاحيتن ۽ معاشي سرگرمين کي سمجهائيندي محض پنهنجي متعصبانہ چاهت جو ئي اظهار ڪري ٿو حالانڪہ هنن سڀني محرڪات جي پويان هڪ ئي حقيقت هوندي آهي ۽ اها حقيقت ڪمال ذات جيڪا حقيقي حسن ۽ جمال جو بنياد آهي يعني خدا تنهن جي چاهت آهي، تنهنڪري

تمام فلسفن پويان چاهي اهي سياسيات، قانون، تعليم ، معاشيات تاريخ ۽ نفسيات جا هجن انهن کي صحيح هرگز ترتيب نہ ٿو ڏئي سگهجي، جيستائين انهن پويان اها اعليٰ حقيقت انهن جي روح طور نہ ٿي مڃي وڃي، تنهنڪري انهن تمام علوم ۾ افراتفري واري ڪيفيت انهي ڪري ئي آهي.

ڪنهن بہ سائنسدان جي غلط چاهت ان جي تحقيق جي نتيجن کي توڙي موڙي ڇڏي ٿي، خاص طور تي جڏهن هن جي تحقيق جانورن متعلق هوندي آهي، جيڪا هن لاءِ هڪ خارجي دنيا هوندي آهي. حقيقي انساني علم جي غير موجودگي ۾ هڪ سائنسدان خدائي تخليقي مرضي جيڪا هر دم هن اندر ۽ زندگي جي هر پهلو ۾ هر دم جاري وساري آهي سمجهي نہ سگهندو آهي، تنهنڪري زندگي جي عمل ۽ ارتقا کي سمجهائي نہ سگهندو آهي. بيشڪ مغربي حياتيات جي ماهرن پنهنجي ميدان ۾ ترقي ڪئي آهي پر هاڻي هنن جي لاديني سوچ هنن جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻجي وئي آهي.

هڪ طبعي ماهر جو غلط آدرش هن جي تحقيق ۾ اُن وقت تائين داخل نہ ٿو ٿئي، جيستائين هن جو علم اُن علم جي فلسفي کي سمجهائڻ شروع نہ ٿو ڪري پر جيئن تہ حقيقي سمجهاڻي کي علم کان ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي، لهذا اها ان علم جي مقصد کي متاثر ڪري ٿي. حقيقت ٻن مختلف چاهتن سان محبت ڪرڻ وارن لاءِ ساڳي حقيقت نہ هوندي آهي، ڇوجو هڪ حقيقت جي وقت تائين ئي هڪ انسان لاءِ حقيقت آهي جيستائين اُها ان جي چاهت جو نظرياتي ۽ حقيقي ضرورتون پوريون ڪري ٿي، تنهنڪري هن جو علم اُن جي چاهت جي رنگ ۾ رنگيل هوندو آهي ۽ اُن تي اُن جي مهر



ثبت ٿيل هوندي آهي. ايستائين جو مادي دنيا پڻ ٻن مختلف چاهتن جي پوئلڳن لاءِ ساڳي نہ هوندي آهي. ٻہ ۽ ٻہ چار جو جملو پڻ ٻن مختلف چاهتن جي حامل اشخاص لاءِ مختلف اهميت رکي ٿو ۽ طريقي علم جي رسائي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. هڪ بکئي ماڻهو جي تہ ڪهاڻيا ِن پس منظر ۾ وڏي مشهور آهي، جنهن کان جڏهن اهو پڇيو ويو تہ ٻہ ۽ ٻہ گهڻا ٿين ٿا تہ هن ڇيو تہ چار مانيون، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ انسان جو مقصد ڪيئن ان جي علم کي متاثر ڪري ٿو. علم مان مراد محض اهو نہ آهي تہ اسان کي ڪنهن خارجي شيءِ متعلق معلومات هجي پر اسان جو اندروني رويو جيڪو اسان ڪنهن چاهت جي بنياد تي اخذ ڪندا آهيون، اهو پڻ انهيءَ شيءِ جي تصور کي متاثر ڪري ٿو ۽ اهي ٻئي شيون ملي ڪري اسان جو علمي تجربو ترتيب ڏين ٿيون، ڪنهن شيءِ جي خصوصيات متعلق علم سان جو ذاتي رويو ۽ حقيقت هوندو آهي، جيڪا شي اسان جي شعور ۾ هڪ ئي وقت اڀري ٿي، نتيجتا جڏهن آدرش مختلف هجن تہ پوءِ علم ڇو نہ طبعيات جو هجي يا رياضي جو ساڳيو رهي نہ ٿو سگهي، جيتوڻيڪ اُهو ڏسڻ ۾ چاهي هڪجهڙو هجي. جيئن هڪ ڪمري ۾ وڇايل هڪ اڇو قالين مختلف قسمن جي برقي بلبن جي ٻارڻ ۾مختلف رنگ متائيندي ڪڏهن ڳاڙهو ڪڏهن پيلو ۽ ڪڏهن نيرو نظر اچي ٿو حالانڪ اُهو ساڳئي رنگ جو هوندو آهي. نازي صحيح چوندا هئا تہ هنن جي سائنس باقي دنيا جي سائنس کان مختلف آهي، رشين پڻ سچ هوندا هئا تہ هنن جي سائنس ايستائين جو طبيعات ۽ واري سائنس سرمائيدارن کان مختلف آهي.

علامہ محمد اسد

آخري قسط

# جديد انسان چوواٽي تي

اڄ ڪلهه جي دور ۾، جڏهن مسلم ملڪن ۾ مغربي تهذيب جو اثر ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، ماڊرن مسلمانن جو سنت کان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ ٻيو به سبب آهي. اهو ممڪن نه آهي ته ساڳئي وقت مغربي طرز زندگي به اختيار ڪئي وڃي ۽ پيغمبر اسلام جي سنت مطابق به زندگي گذاري سگهجي. اڄ ڪالهه جو نسل مغربي تهذيب جو شيدائي آهي، هو ان تهذيب جي پوڄا ڪري ٿو ۽ ان تي فدا آهي. ان ڪري به پيغمبر ﷺ جي سنت اهڙن مسلمانن وٽ غيرمقبول ٿي رهي آهي. پيغمبر ﷺ جي سنت مغربي تهذيب جي بنيادي خيالن ۽ عقيدن جي سخت مخالف آهي، ان ڪري مغربي تهذيب جا عاشق ان کان جان ڇڏائڻ لاءِ آيا آهن. ان ڪري انهن جو چوڻ آهي ته سنت جيئن ته مشڪوڪ حديثن تي مبني آهي، ان ڪري ان تي عمل ڪرڻ ضروري نه آهي. ان کان پوءِ قرآن ۾ هيرا ڦيري ڪري ان کي مغربي تهذيب جي روح سان هم آهنگ ڪرڻ انهن لاءِ آسان ٿيو پوي.

سنت جو روح

سنت جي معاملي ۾ ٻيو اهم سوال ان جي هر حصي جي اطاعت جي اهميت جو آهي،ڇا اهو ضروري آهي ته مسلمان جي زندگي گذارڻ لاءِ سنت جي ننڍي وڏي جز جي باقاعدي پيروي لازم سمجهي وڃي. ڇا ان مقصد لاءِ ڪو ٻيو رستو نه آهي، سواءِ ان جي ته پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي هر حڪم، هر نهيءَ، هر مثال تي عمل ڪيو



وڃي؟ ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن عظيم ترين انسان هئا، پر سندن سيرت پاڪ جي هر ننڍي وڏي حصي تي عمل ڪرڻ انسان جي شخصي آزاديءَ ۾ رڪاوٽ برابر نه آهي؟ اهو آهي اهو اعتراض جيڪو اسلام جا نادان ناقدين عام طور ڪندا آهن. يعني ته سنت تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ ئي اسلامي دنيا جي تنزلي ۽ پستيءَ جو ڪارڻ آهي، ڇو ته اهڙو رويو انسان جي آزاديءَ جي خلاف آهي ۽ آخرڪار هڪ سوسائٽي جي فطري اوسر جي به خلاف آهي. ان اعتراض جو جواب مسلم دنيا لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو ، ڇو ته ان جي صحيح جواب تي اسلام بابت اسان جو رويو مقرر ٿيندو.

اسان کي ان ڳالهه تي بجا طور فخر آهي ته مذهب اسلام ڪنهن خفيہ منتر جنتر تي ٻڌل نه آهي ۽ ان جا اصول هر قسم جي تنقيد تي صحيح ثابت ٿين ٿا. ان ڪري اسان کي حق آهي ته معلوم ڪريون ته سنت جي پيروي اسان لاءِ ڇو لازم ڪئي ويئي آهي؟ اسلام زندگيءَ جي سمورن پهلوئن ۾ مڪمل هم آهنگي پيدا ڪرڻ آهي، ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام مڪمل قاعدا قانون ڏنا آهن، جن ۾ نه ته ڪو اضافو ممڪن آهي نه اختصار. اسلام ۾ چونڊ ۽ پسند جو اختيار نه آهي. جتي به ڪو حڪم قرآن مان ثابت ٿئي يا سنت مان، ان تي باقاعده عمل ڪرڻ ضروري آهي نه ته ان جي اهميت ۽ قدر ضايع ٿيو وڃي.

ائين سمجهڻ ته عقل تي مبني هئڻ ڪري اسلام جا اصول اهڙا آهن، جو هر شخص انهن کي پنهنجي عقل سان پرکي پوءِ وٽيس ته انهن تي عمل ڪري، نه ته ڇڏي ڏي. اهو غلط آهي. اهو اڄ ڪالهه جي

عقل پرستن جو غلط خيال آهي. عقل جو ڪم رڳو ايترو آهي تہ ڏسي تہ اسلام جو ڪو بہ حڪم انساني طاقت کان مٿي نہ هجي ۽ ان ڏس ۾ عقل بار بار اسلام جي تائيد ڪئي آهي. هاڻي هر شخص کي جيڪو اسلام قبول ڪري ٿو، اهو حق ڏيئي نہ ٿو سگهي تہ اسلام جا جيڪي حڪم کيس پسند اچن انهن تي عمل ڪري، جيڪي سندس نفساني خواهشن جي خلاف هجن، انهن کي رد ڪري ڇڏي.

هر عقل مند انسان، اسلام جي اصولن کي عقل جي مطابق ئي چوي ٿو، ائين برابر آهي تہ اسلام ۾ ڪي شيون انسان جي سمجهہ کان بالا آهن، پر ڪا بہ شئي عقل جي خلاف نہ آهي.

پر اڄ ڪالهہ جا عقل پرست پنهنجي جائز حدن کان اڳتي وڌي پاڻ کي عقل ڪل سمجهي رهيا آهن. اهي مذهبي معاملن ۾ هر انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ڪن ٿا، جيڪا هن وقت سندن سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي پر سائنس جي معاملي ۾ اهڙي سختي نہ ٿا ڪن. پنهنجي عقل کي ڪامل سمجهڻ ڪري اڄ ڪالهہ جا ڪيترا ماڊرن مسلمان پيغمبر ﷺ جي رهبريءَ کان ڪيٻائن ٿا، پر هر ڪو سمجهي سگهي ٿو تہ انساني عقل محدود آهي، اهو حقيقت جي مڪمل ڄاڻ رکي نہ ٿو سگهي، اسين وڌ ۾ وڌ ان جا ڪي جُز معلوم ڪري سگهون ٿا. اسان کي هرگز معلوم ٿي نہ ٿو سگهجي تہ ”لامحدوديت“ ڇا آهي يا خود ”زندگي“ ڇا آهي؟ ان ڪري مذهبي معاملن ۾ ضرورت آهي، ڪنهن اهڙي هستيءَ جي جنهن جو ڪائنات جي خالق سان تعلق هجي، جيڪا وحيءَ جي پيغام سان سرفراز هجي. جيڪڏهن اسان کي يقين آهي تہ قرآن خدا جو ڪلام آهي ۽ حضرت محمد ﷺ خدا جو پيغمبر آهي تہ اسين عقلي توڙي اخلاقي طور پابند آهيون تہ پيغمبر



جي سنت جي بنا چُون چرا اطاعت ڪريون. اسين انهن حڪمن جي حڪمت تي غور ۽ فڪر ڪري سگهون ٿا ۽ انهن جي پٺيان موجود مقصد معلوم ڪري سگهون ٿا پر حڪم جو مقصد ۽ حڪمت اسان کي سمجهہ ۾ اچي يا نہ، ان تي عمل هر حال ۾ ڪرڻو آهي. ان کي اسين هڪ مثال سان سمجهي سگهون ٿا. جڏهن ڪنهن سولجر کي سندس جنرل حڪم ڏئي تہ اهو اڳتي وڌي ڪنهن جاءِ تي قبضو ڪري تہ سنو سپاهي هڪدم حڪم جي تعميل لاءِ اڳتي وڌندو، پوءِ جيڪڏهن ان کي عمل دوران جنرل جي حڪم جي حڪمت سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ بهتر پر جيڪڏهن حڪمت سمجهہ ۾ نہ آيس تہ بہ حڪم هر حال ۾ کيس مڃڻو آهي.

اسان مسلمانن کي يقين آهي تہ حضور نبي اڪرم ﷺ جن انسانيت جا بهترين رهنما آهن. اسان جو ايمان آهي تہ حضور ﷺ جن اسان لاءِ مذهبي توڙي سماجي ميدانن ۾ بهترين اصول مقرر فرمائي ويا آهن، ڪڏهن اسان کي انهن اصولن جي حڪمت سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ ڪڏهن نہ، پر هڪ دفعو انهن اصولن جو سنت هئڻ ثابت ٿيڻ کان پوءِ اسان لاءِ انهن تي عمل لازمي آهي، ٿي سگهي ٿو تہ ڪي حڪم نهايت اهميت وارا هجن ۽ ٻين جي اهميت ڪجهہ گهٽ هجي، ان حالت ۾ وڏيڪ اهم حڪمن کي اوليت ڏيڻي پوندي پر ڪنهن بہ حڪم کي ”غيرضروري“ سمجهي ڇڏڻو نہ آهي. قرآن مجيد ۾ آهي تہ؛

”وما ينطق عن الهويٰ“ (سوره 35 ـ آيت 8)

”پيغمبر پنهنجي خواهشن سان نہ ٿو ڳالهائي.“

سنت تي عمل جي اهميت معلوم ٿيڻ کان پوءِ مسلم سوسائٽي ۾ ان جي اهميت بابت غور ڪري سگهجي ٿو . ان جي حڪمت تي ويچار ڪري سگهجي ٿو . هڪ مسلمان لاءِ ڄمڻ کان مرڻ تائين پيغمبر جي هر سنت تي عمل ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟ جيڪڏهن ٻئي هٿ صاف آهن ته سڄي هٿ سان ماني کائڻ يا کاٻي هٿ سان کائڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڏاهڙي رکجي يا کوڙائجي . ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ اهي ڳالهيون رسمي اهميت کان وڌيڪ ڇا آهن؟ انهن جو انسان جي ترقيءَ يا سوسائٽيءَ جي خوشحالي سان ڪهڙو واسطو آهي؟ جيڪڏهن واسطو نه آهي ته پوءِ اهي شيون اسان لاءِ لازمي ڇو ڪرار ڏنيون ويون آهن؟انهن سوالن جو جواب اسان تي لازمي آهي, منهنجي خيال ۾ سنت جي اداري قائم ڪرڻ جا ٽي واضح سبب آهن.

پهريون سبب انسان جي تربيت آهي, يعني سنت جي پيروي ڪرڻ سان انسان هر وقت چوڪس رهي ٿو ۽ ان جي وسيلي پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. انسان جيڪڏهن ڇڙواڳ زندگي گذاريندو ته سندس روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پوندي, ڇاڪاڻ ته سندس توجهه منتشر رهندو. اسين جيڪي ڪجهه ڪريون, سوچي سمجهي ڪريون ۽ اخلاقي حدن اندر ڪريون. ان جو مطلب هي آهي ته اسين هر وقت پنهنجو محاسبو ڪندا رهون. ان باري ۾ حضرت عمر رضه جو قول نهايت اهم آهي,"حاسبوا انفسڪم قبل ان تحاسبوا"پنهنجو احتساب ڪندا رهو ان کان اڳ جو اوهان جو محاسبو ڪيو وڃي.

حضور پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي: "اعبد ربک کانک تراه".



"پنهنجي رب جي عبادت اهڙي طرح ڪريو ڄڻڪ اوهان ڪيس ڏسي رهيا آهيو." (بخاري مسلم)

اسلامي عبادت جو مطلب اهو آهي ته اها انسان جي سموري زندگيءَ تي حاوي هوندي آهي. ان جو مقصد انسان جو مادي ۽ روحاني وجود ڳنڍي هڪ ڪرڻو آهي. ان ڪري عبادت نهايت خشوع ۽ خضوع سان ڪرڻي آهي. ان سان گڏ پنهنجو محاسبو به ڪرڻو آهي ۽ ان لاءِ ضروري آهي ته ننڍي کان ننڍا ڪم به سوچي سمجهي صحيح طريقي موجب ڪرڻا آهن. اهڙي طرح اسان کي پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سنت تي عمل وقت اسان پوري ارادي ۽ هوش حواس سان عمل ڪريون ۽ بي خياليءَ سان عادتاً عمل نه ڪريون . ڇو ته ائين ڪرڻ سان ان جو تعليمي پهلو گم ٿيو وڃي.

گذريل ڪيترن سالن کان مسلمانن جو حال هي آهي ته اهي مذهب جي حڪمن کي رسماً ۽ عادتاً ڪن ٿا. اصحابي سڳورا ۽ انهن کان پوءِ ڪجهه صدين تائين مسلمان نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي مبارڪ سيرت جي تابعداري ڪندا هئا ته ڪامل هوش سان ۽ اطاعت جي جذبي سان عمل ڪندا هئا . ان ڪري انهن جي سنت مطابق مڪمل تربيت ٿيندي هئي. بعد جي دور ۾ مسلمان بنا سوچي سمجهي عادتاً ۽ رسماً عمل ڪندا رهيا. اهو شايد تصوف جي اثر هيٺ ٿيو . ڇاڪاڻ ته صوفي عمل کان زياده ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندا هئا.

صوفين لاءِ سنت تي عمل ڪرڻ هڪ علامت کان وڌيڪ اهميت نه رکندو هو جنهن جو پس منظر هڪ راز هو فقهين لاءِ قانون جو

سستم هو ۽ مسلم عوام لاءِ اهو هڪ ڪوڪلو عمل هو. جنهن جي پويان ڪو حقيقي مطلب نہ هو. پر مسلمانن جي قرآن ۽ سنت مان فائدي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جي باوجود انهن جي تعليم ۽ تشريح اڄ بہ محفوظ آهي ۽ ڪو بہ سبب نہ آهي تہ انهن تي عمل شروع نہ ڪيو وڃي. انهن جو مطلب ڪي خشڪ ظاهر پرست پيدا ڪرڻ نہ آهي، جيئن اسلام جا مخالف ناقد چون ٿا پر مخلص با عمل انسان پيدا ڪرڻ آهي. اهڙا مرد ۽ اهڙيون عورتون پيغمبر صہ جا اصحاب هئا.دائمي محاسبو شعوري عمل ۽ هر ڪم ۾ جوابدهيءَ جو احساس، اهي عنصر هئا،جن ۾ سندن معجزانہ تاريخي ڪاميابيءَ جو راز لڪل هو.

اهو سنت جو هڪ پهلو آهي. ان جو ٻيو پهلو ان جي سماجي اهميت ۽ ان ميدان ۾ سندس برڪتون آهن. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اڪثر سوشل ناهمواريون انسانن جي هڪ ٻئي جي نيتن ۽ عملن کي نہ سمجهڻ ڪري پيدا ٿينديون آهن. ان جو سبب وري سوسائٽيءَ ۾ ماڻهن جي طبيعتن ۽ مزاجن جو اختلاف آهي. جدا جدا طبيعتن جي ڪري ماڻهن جون عادتون مختلف ٿين ٿيون ۽ سالن جي ورجاءَ سبب ماڻهن ۾ اختلافن جون ديوارون ڪڙيون ٿي وڃن ٿيون. هاڻي جيڪڏهن اڪثر ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ جهڙيون عادتون اختيار ڪندا تہ سندن باهمي تعلقات سهڻا رهندا ۽ منجهن جهيڙا جهڳڙا گهٽ ٿيندا. ان ڪري اسلام چاهي ٿو تہ انسانن جون عادتون ۽ رسمون هڪ جهڙيون هجن تہ جيئن زندگيءَ ۾ سڪون رهي.

ان سان گڏ سنت اسلامي سوسائٽي کي مربوط ۽ محفوظ بنائي، ان ۾ ايڪو ۽ همدرديءَ جا جذبات پيدا ڪري، مسلمانن کي بنيان



مرصوص (مضبوط قلعو) بنائي ٿي. اهو ئي اسلامي ۽ سماجي تنظيم جو مقصد آهي.

سنت جو ٽيون پهلو هي آهي تہ اسان هر عمل وقت پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جو مثال سامهون رکون ٿا. ان طرح حضور صہ جن جي شخصيت جو اثر اسان جي هر عمل ۾ نمايان نظر اچي ٿو. شعوري يا غير شعوري طور اسان هر عمل ۾ حضور صہ جن جو مثال سامهون رکون ٿا ۽ پنهنجي هر عمل ۾ حضور صہ جي رهنمائي محسوس ڪريون ٿا.

حضور صہ جن آخري پيغمبر آهن. ان سان گڏ عالم جي لاءِ رحمت پڻ آهن. سندس ڪامل رهنمائي کان منهن موڙڻ يا ان جي ڪنهن حصي کان انڪار جو مطلب تہ ڇڙڪ خدا تعاليٰ جي هدايت کان منهن موڙڻو آهي. اسلام خدا جي طرفان بني نوع انسانن لاءِ آخري پيغام هدايت آهي: قرآن فرمائي ٿو:

اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم نعمتي ورضيت لكم الاسلام دينا (سورة — آيت 3)

”اڄ مون اوهان جو دين اوهان جي لاءِ مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ اسلام کي دين طور پسند ڪيم.“

اسان اسلام کي ٻين سمورن مذهبن کان اعليٰ ۽ برتر ڪري مڃون ٿا ڇو تہ اهو زندگيءَ جي سيني گوشن کي محيط آهي. ان ۾ دنيا ۽ آخرت روح ۽ جسم، فرد ۽ سوسائٽيءَ جو خيال رکيو ويو آهي. ان ۾ نہ رڳو انساني فطرت جي اعليٰ پهچ تي توجهہ ڏني وئي آهي پر ان جون خفيہ ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون بہ شمار ۾ ورتل آهن. اسلام اسان تي

ڪا ناممڪن شئي نہ ٿو مڙهي پر هدايت ٿو ڪري تہ اسين پنهنجي سامهون موجود وسيلن ۽ وسعت کي ڪهڙيءَ طرح ڪم آڻيون. جيئن خيال ۽ عمل ۾ ڪو تضاد پيدا نہ ٿئي. اهو ڪو گهڻن رستن مان هڪ رستو نہ آهي پر اڪيلو هڪ ئي رستو آهي. ان رهبر جيڪي حڪم ڏنا ۽ پاڻ عمل ڪيا انهن جي پيروي ڪرڻ جو نالو اسلام آهي. سنڌن سنت کي ترڪ ڪرڻ اسلام جي حقيقت کي ترڪ ڪرڻ آهي.

## آخري باب

گذريل بابن ۾ مون ڪوشش ڪري ڏيکاريو آهي تہ اسلام کي مغربي تهذيب سان ملائڻ مان ڪو فائدو نہ رسندو. پر ساڳئي وقت اها بہ حقيقت آهي تہ مسلم دنيا ايترو تہ ڪمزور ٿي چڪي آهي، جو ان ۾ مزاحمت جي طاقت نہ رهي آهي. ان جي ڪلچر جا رهيل سهيل جزا مغربي طور طريقن اڳيان بيوس ٿي رهيا آهن. هر جاءِ تي بي حسيءَ جو اظهار نظر اچي رهيو آهي، جيڪو ڪنهن ڪلچر يا قوم لاءِ موت جي برابر هوندو آهي. ڇا اسلام، جيئن اسان جا دشمن يا شڪست خورده مسلمان چون ٿا، ختم ٿي چڪو؟ ڇا ان وٽ جيڪي ڪجهہ دنيا کي ڏيڻ لاءِ هو سو ڏيئي چڪو ۽ هينئر ان وٽ وڌيڪ ڪجهہ نہ آهي.

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ سمورا انساني ڪلچر ۽ تهذيبون جاندار شين وانگر پيدا ٿين ٿا، جوانيءَ کي رسن ٿا، پوڙها ٿين ٿا ۽ آخر فنا ٿيو وڃن ۽ ٻين نون ڪلچرن ۽ تهذيبن لاءِ جاءِ خالي ڪن ٿا. ڇا اهو اصول اسلام سان بہ لاڳو ٿي سگهي ٿو. بظاهر تہ ائين نظر اچي ٿو. هڪ وقت اسلام جو اوج هو ان انسانن کي عمل ۽ قربانيءَ تي آماده ڪيو، ان قومن ۽ ملڪن جي تقدير بدلائي ڇڏي، پوءِ اهو ساڪن ٿي بيهي رهيو پوءِ خالي لفظ وڃي رهيا، هاڻي تہ پستي ۽



نيستائيءَ جو دور آهي، پر ڇا قصو اتي ختم ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن اسان اهو مڃون ٿا تہ اسلام رڳو ٻين ڪلچرن وانگر نہ آهي، نہ اهو ڪنهن انساني دماغ ۽ ڪوشش جي پيداوار آهي، پر خدا تعاليٰ جي طرفان سمورن انسانن جي هدايت لاءِ هميشہ نازل ڪيل دين آهي تہ پوءِ معاملو ٻيءَ طرح آهي، اسلام ڪنهن هڪ دور يا هڪ قوم جي لاءِ نازل نہ ڪيو ويو هو. اسان کي اسلام جو جيڪو تنزل نظر اچي ٿو سو حقيقت ۾ اسان جي پنهنجي ايمان جي ڪمزوري ۽ عمل جي ڪوتاهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي. اهڙي ڪا نشاني نظر نہ ٿي اچي تہ انسانيت اڄ بہ اسلام جي تعليم کان اڳتي وڌي آئي آهي ۽ هاڻي ڪيس اسلام جي ضرورت نہ رهي آهي. دنيا اسلام جي اصولن کان بهتر اصول ايجاد ڪري نہ سگهي آهي. اڃان بہ دنيا انسان جي عملي اخوت جي منزل تي نہ پهتي آهي، جنهن تي اسلام پنهنجي اوج واري دور ۾ پهچي چڪو آهي،جڏهن سموري مسلم امت هڪ وحدانيت هئي. دنيا اسلام کان بهتر سماجي نظام جوڙي نہ سگهي آهي. جنهن ۾ فردن جي وچ ۾ فساد ۽ جهڳڙا گهٽ هجن،جيترا اسلامي امت ۾ هئا. دنيا انسان جي عزت ۽ احترام ۾ ڪو اضافو نہ ڪري سگهي آهي، نہ ان جي سلامتيءَ جو احساس وڌائي سگهي آهي، نہ ان جي روحاني اوسر ڪري سگهي آهي ۽ آخر ۾ ان جي خوشيءَ ۾ بہ ڪا واڌ آڻي نہ سگهي آهي.

انهن سيني معاملن ۾ بني نوع انسان جا هن وقت تائين حاصل ڪيل ڪارناما اسلام جي پروگرام کان گهٽو گهٽ آهن. ان صورت ۾ ائين چوڻ جو ڪهڙو جواز آهي تہ اسلام وقت جو ساٿ ڏيڻ کان قاصر آهي، ڇا اهو هن ڪري چيو ٿو وڃي جو ان جو بنياد مذهبي آهي ۽ اڄ

ڪالهہ مذهب جو فيشن نہ آهي؟ پر جڏهن اسان جو مشاهدو آهي تہ مذهبي بنيادن تي مبني هڪ سسٽم زندگيءَ جو هڪ مڪمل عملي ۽ انسان جي نفسيات سان هم آهنگ پروگرام ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، جنهن جهڙو ڪو پروگرام انسان پنهنجي سوچ ۽ سڌاري جي آڌار تي ڏيئي نہ سگهيو آهي تہ پوءِ مذهبي بنيادن تي مبني سسٽم ڇو ڪامياب نہ سمجهيو وڃي؟

انسان جي مثبت ڪارنامن اسلام جي حق ۾ فيصلو ڏيئي ڇڏيو آهي ڇو تہ گهڻو عرصو اڳ اسلام انهن جي تاڪيد ڪئي هئي ۽ انهن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ اسلام انهن جي نشاندهي ڪئي هئي. ساڳيءَ طرح انسان جي غلطين جي بہ گهڻو عرصو اڳ نشاندهي ڪري انهن کان خبردار ڪيو هو. مذهب کان الڳ رهي ڪري بہ اسلام جي خير ۽ برڪتن ۾ انسان ذات لاءِ ڪشش آهي، جنهن ڪري ان جي عملي هدايتن مان رهنمائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

اسين جيڪڏهن ان نقطہ نگاہ کان پنهنجي ڪلچر ۽ تهذيب تي نظر ٿا وجهون تہ ان نتيجي تي ٿا پهچون تہ ان کي ٻيهر زنده ڪرڻ ممڪن آهي. اسان کي اسلام ۾ ڪنهن تبديليءَ جي ضرورت نہ آهي، جيئن ڪي مسلمان چوندا آهن، ڇو تہ اسلام اڳ ۾ ئي ڪامل دين آهي. ضرورت اها آهي تہ اسلام بابت اسين پنهنجو رويو تبديل ڪريون اسان کي پنهنجي سستي، پنهنجو نفاق ۽ پنهنجي تنگ نظري دور ڪرڻ ضروري آهي، نہ ڪ اسلام ۾ ڪو سڌارڻو آڻڻو آهي. اسلام کي زنده ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪي نوان اصول تلاش ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي، پر پراڻن ۽ وسري ويلن اصولن کي ٻيهر عمل ۾ آڻڻو



پوندو. اسان ڌارين ڪلچرن مان نئين توانائي حاصل ڪري سگهون ٿا پر اسلام جي ڪامل نقشي ۾ ڪابہ ڦيرڦار ڪري نہ ٿا ڪري سگهون، پوءِ اها ڦير ڦار مشرقي هجي يا مغربي. هڪ روحاني ۽ سماجي اداري جي حيثيت ۾ اسلام کي "سڌاري" جي ضرورت نہ آهي. ان جي اصولن ۾ يا ان جي سماجي ڍانچي ۾ ڪابہ تبديلي جيڪا ڪنهن ڌارئي ڪلچر کان ورتي ويئي هجي، ان کي ضايع ڪرڻ برابر آهي. تبديلي، اسان کي پنهنجي پاڻ ۾ ڪرڻي آهي، جيڪا اسان کي اسلام ڏانهن وٺي وڃي نہ ان کان دور ڪري.

ان سان گڏ اسان کي پاڻ کي ڌوڪو بہ ڏيڻ نہ کپي. اسان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اسلامي دنيا هڪ خودمختار ڪلچر واري حيثيت وڃائي ويٺي آهي. اسان جو ايمان ڪمزور ٿي چڪو آهي ۽ سماجي سسٽم ته و بالا ٿي ويو آهي. اسلام جي اصولڪي مضبوطي جيڪا ڪنهن زماني ۾ موجود هئي، ڪٿي بہ نظر نہ ٿي اچي. اسين ڀٽڪي رهيا آهيون ۽ خبر نہ آهي تہ منزل ڪٿي آهي. عملي ۽ ذهني طور تنزل جي هيٺين ڏاڪي تي پهتل آهيون. اسان جي مذهب ۽ سوسائٽيءَ کي ڇيهو رسائيندڙ ڌاريا اثر وڌندا پيا وڃن، جن کي روڪڻ جي نہ همت ڏسجي ٿي نہ ارادو نظر اچي ٿو. بهترين اخلاقي تعليمن، جنهن جهڙي تعليم دنيا وارن اڳ ڪڏهن ڪونہ ڏٺي هئي، ان کي اسان ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي. اسان پنهنجي مذهب جو ذڪر ڪندي شرمائي رهيا آهيون، جڏهن تہ اسان جي وڏن لاءِ اُهو فخر جو ذريعو هوندو هو. اسين تنگ نظر آهيون جڏهن تہ اهي فراغ دل هئا، اسين ڪوڪلا آهيون جڏهن تہ اهي پريا پندار هئا.

اهي پشيمانيون ۽ پڇتاءُ سيني کي معلوم آهن. انهن جو ورجاءُ اجايو آهي. اسان کي کپي تہ همت ڪري پنهنجي بدحاليءَ جا سبب معلوم ڪريون. حقيقت ڪيترو بہ تلخ هجي، ان کي لڪائڻ بي سود آهي.

ائين سوچڻ تہ اسلام ترقي ڪري رهيو آهي، اسلامي مشن دنيا ۾ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ مغرب وارا اسلام جي خوبين کان واقف ٿي رهيا آهن، اهو پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ جي برابر آهي تہ ڇا ائين سوچجي تہ اسلام ختم ٿي چڪو؟ نہ ائين بہ نہ آهي. اسان جي اندر جو اضطراب جيڪو اسان کي پنهنجي حال تي مطمئن ٿي ويهڻ نہ ٿو ڏي، اسان جي خواهش تہ اسان پنهنجي حالت سڌاريون، اسلام لاءِ اسان جي اندر جي آنڌ مانڌ اميد ٿي ڏياري تہ اسلام وري اوج تي رسندو. اها دنيا جي تقدير آهي، اها ڳالهہ هر اکين واري کي نظر اچي رهي آهي.

ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ سڀ کان اول اسلام بابت اسين معذرت خواهانہ رويو تبديل ڪريون. ڇو تہ اهو شڪست جو ٻيو نالو آهي. ٻيو قدم، سنت جو سوچي سمجهي دل جي خوشيءَ سان اتباع هئڻ گهرجي. سنت جو مقصد اسلام جو عملي مظاهرو آهي. پنهنجي روزمره زندگيءَ ۾ سنت تي عمل اسان کي ٻڌائيندو تہ مغربي تهذيب جا ڪهڙا عنصر قبول ڪري سگهجن ٿا ۽ ڪهڙا رد ڪرڻ لائق آهن. اسان کي کپي تہ ٻين جي نگاهن سان اسلام کي ڏسڻ ۽ پرکڻ بدران دنيا کي اسلام جي نگاهہ سان ڏسون ۽ پرکيون.

ان کان سواءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اسلامي حڪمن جي قديم تشريح تي نئين سر نظر وجهي ان کي موجوده دور جي مطابق بڻايو



وڃي، ان جي نتيجي ۾ فقه جو نئون ايڊيشن وجود ۾ ايندو جنهن جو بنياد تہ اسلام جي اصلي سرچشمن يعني قرآن مجيد ۽ سنت نبويءَ تي رکيل هجي، پر جنهن ۾ موجوده دور جي سمورن مسئلن جو حل موجود هجي، جهڙيءَ طرح قديمي دور جي فقه ۾ ارسطو ۽ افلاطوني فلسفن جو مڪمل جواب موجود هو ۽ ان سان گڏ پنهنجي وقت جي مسئلن جو حل بہ مهيا هو.

اسين جيڪڏهن دنيا ۾ اڳوڻو اوج حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا تہ سڀ کان اول پنهنجي وڃايل خود اعتمادي ٻيهر حاصل ڪرڻ ضروري آهي . جيڪڏهن اسين پنهنجا سماجي ادارا برباد ڪري، ڌارين جي تهذيب جي نقالي ڪرڻ لڳون، جيڪا رڳو تاريخي طور ئي ڌاري نہ آهي، پر روحاني طور بہ ڌاري تهذيب آهي، تہ اسين هرگز پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهنداسون.

اسلام جو جهاز ضرور ڪناري لڳندو پر ان لاءِ سيني جي محنت جي ضرورت آهي، اهو ڪناري لڳندو جيڪڏهن مسلمان قرآن مجيد جو هي فرمان ٻڌن ۽ ان تي غور ڪن:

لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة لمن كان يرجوا الله واليوم الآخر (سورة 33 ـ آيت 21)

”تحقيق اوهان لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين مثال موجود آهي. هر ان شخص لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن جي اميد رکي ٿو.“

# سنڌي صحافت جا ڪجهہ اهم ورق

**وزير اعظم پاڪستان جو قوم کي سڏ! پاڪستان جي سلامتي لاءِ خون جي ضرورت!**

شهادتگاه ۾ حورون تہ وقف انتظار آهن
اجا بازي لهو سان کيڏڻي آهي هزارن کي!

پاڪستان جو رئيس الو زراءِ آنريل لياقت علي خانجو تازو يورپ جي دوري تان واپس آيو آهي تنهن 20 نومبر تي ڍاڪا ۾ خطاب عام ڪندي قوم کي اپيل ڪئي آهي تہ پاڪستان جي حفاظت لاءِ ڏاڍ ڏڏ فوج ۾ ڀرتي ٿيو.

عام طرح اهڙي قسم جي اپيل جا قريباً جنرل موبلائزيشن ۽ نفير عام جو حڪم آهي، اهڙي وقت ڪئي ويندي آهي جڏهن ملڪ ڪنهن خطري ۾ گهربل هوندو آهي ۽ قوم کي ڪنهن صبر آزما مرحلہ مان گذرڻو هوندو آهي.

اسان جي خيال ۾ اسان جي وزير اعظم جي اها تقرير معنيٰ کان خالي ناهي ۽ قوم جي هر فرد کي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جي اها دعوت بي معنيٰ ناهي خصوصاً انهيءَ وقت جڏهن اسان جو وزير اعظم ولايت جي سياست جو رخ ڏسي آيو آهي ۽ بين الاقوامي حالات کي نظر مان ڪڍي آيو آهي.



وزير اعظم پنهنجي تقرير ۾ هي بہ فرمايو آهي تہ ملڪ جي آمدني جو وڏو حصو بچاءَ جي انتظامات تي خرچ پيو ڪيو وڃي جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ اسان جي حڪومت کي ڪهڙا خطرات درپيش آهن ۽ اسان جي حڪومت انهن حالتن کي جيڪي بين الاقوامي خراب ٿيڻ وقت ڪنهن بہ وقت پيدا ٿي پون تن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيتري قدر مصروف ۽ متوجهہ آهي. حڪومت پنهنجي طاقت آهر سڀ ڪجهہ خرچ ڪرڻ کان پوءِ جو قوم ڏانهن متوجهہ ٿي آهي ۽ قوم جي جوانن کي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ ۽ پنهنجي وطن عزيز جي حفاظت لاءِ خون جي قرباني ڪرڻ جي اپيل ڪري رهي آهي انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اسان وطن عزيز پاڪستان پاڪستان جي مسلمانن کي مشڪلات جا ڪهڙا لڪ لنگهڻا آهن ۽ اسان کي پنهن جي وطن جي آبرو لاءِ ڪهڙا جبل جها ڳڻا آهن. آنربل وزير اعظم جي هي تقرير هڪ بر وقت انتباه ۽ خطري جي گهنٽي آهي جنهن جي ٻڌڻ کان پوءِ پاڪستان جي هر مسلمان جو فرض آهي تہ هو هوشيار ٿي وڃي ۽ پنهنجي جان، مال ۽ صلاحيتون پاڪستان جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. جيڪڏهن قافلي سالار جي هن ۽ ناموس قوم جي پاسبان جي هن آواز کان پوءِ بہ ڪو سجاڳ نٿو ٿئي ۽ پاڪستان جي حفاظت لاءِ پنهنجي تن، من ۽ ڌن جي پيشڪش پنهنجي وطن جي اڳيان نٿو ڪري نہ انهي ماڻهو لاءِ سمجهيو ويندو تہ هو قوم جو خير خواهہ ناهي.

هن وقت مسلمان قوم بلڪ اسلام جو ڪلمو چؤ طرف خطرات ۾ گهيريل آهي. ڪشمير جي مسلمانن کي غلام بنائڻ لاءِ جهڙي طرح خون جا دريا وهايا پيا وڃن تن کا ڪهڙو مسلمان بي خبر آهي، فلسطين جي مسلمانن، رسول الله صلي الله عليہ وسلم بر حق جي هم

قومرعربن کي نيست و نابود ڪرڻ جا پروگرام ڪنهن کان ڳجها آهن، انڊونيشيا جي مسلمانن جي آزادي سلب ڪرڻ جي جا جدوجهد ٿي رهي آحي سا ڪنهن کان مخفي آهي؟ هن وقت سيني جون اکيون پاڪستان ڏانهن آهن ۽ سيئي پنهنجا نماڻا نيڻ کڻي پاڪستان ڏانهن نهاري رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ سيئي سمجهن ٿا تہ خدا کان پوءِ سندن بشت پناه ۽ مدد گار پاڪستان ئي آهي.

خود پاڪستان جي پير ۾ پاڪستان جو بدنيت پاڙيسري اجا تائين پنهنجي بدنيتي ۽ پاڪستان دشمني تي قائم آهي. اهڙي حالت ۾ خبر ناهي تہ سياڻي ڇا ٿئي ۽ پرينهن جو صبح ڪهڙو پيغام کڻي اچي. بهر حال ملڪ جي اڳواڻ ۽ سياست جي راز دان کي جيڪي ڇوٽو هو سو هن ڇئي ڇڏيو ۽ قوم جي هر فرد کي فوج ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏيئي بڌائي ڇڏيو. جيڪڏهن قوم کي هن کان پوءِ ڪنهن بئي آواز جي ضرورت آهي ۽ هن کان وڌيڪ صراحت جي حاجت آهي نہ پوءِ قوم جي نافهمي ۽ بد ذوقي تي افسوس آهي. پاڪستان جي وزير اعظم فوجي پرتي جي اپيل ڪري ۽ پاڪستان جي رهاڪن کي سپاهي بنجڻ جي دعوت ڏيئي، قوم لاءِ قوم جي هڪ هڪ فرد لاءِ هڪ آزمائش ۽ امتحال جي گهڙي سامهون آڻي بيهاري آهي. هن کان پوءِ معلوم ٿي ويندو تہ ڪهڙن جي دل ۾ پاڪستان جي محبت آهي ۽ ڪير آهن جنکي قوم جو درد آهي ۽ ڪير آهن جي پنهنجي اڳواڻ جي سڏ تي لبيڪ چئي ميدان ۾ نڪرن ٿا ۽ ڪير آهن جي پنهنجي اغراض جي لڙائي لڙڻ ۽ وزارتي هڏي تي هوڏ ڪرڻ لاءِ تہ هوشيار آهن ليڪن پاڪستان جي بچاءُ لاءِ ۽ قوم جي آبرو جي



حفاظت لاءِ پنهنجي حڪومت جي آواز کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏين ٿا.

اسان پنهنجي وزير اعظم جي انهي سڏ تي لبيڪ چئون ٿا ۽ پاڪستان سرڪار کي يقين ڏياريون ٿا تہ انشاء الله سرزمين سنڌ جنهن باب الاسلام هجڻ جو شرف حاصل آهي جنهن ۾ عرب مجاهدن جي سجدن جا نشان پوشيده آهن ۽ جنهن ۾ شهيدن جي خون جا قطرا امانت طور اڃ موجود آهن سان ڪڏهن بہ غداري نہ ڪندي ۽ پاڪستان جي حفاظت لاءِ پنهنجي خون جو آخري قطرو وهائڻ کان بہ نہ سبڪندي.

اسان سنڌ جي مسلمانن طرفان پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم ۽ پاڪستان وزير اعظم کي خاطري ڏيارڻ کان پوءِ سنڌ جي مسلمانن کي اپيل ڪنداسون تہ اڄ وقت اچي ويو آهي تہ هو پنهنجا پوشيده جوهر ظاهر ڪن ۽ پنهنجي روايتي بهادري جو شان ڏيکارين ڇاڪاڻ تہ هن کان پوءِ پاڪستان ۾ فقط انهي پر ڳڻي جي عزت هوندي جو پاڪستان جو بازوهہ شمشيرزن هوندو ۽ اها ئي قوم پاڪستان اندر ممتاز حيثيت رکندي جا وڌ ۾ وڌ خون جي قرباني ڪندي ۽ زياده کان زياده پنهنجا جوان پاڪستان جي سپاه ۾ داخل ڪرائيندي. ڇا سنڌ جو مسلمان هن نازڪ وقت پاڪستان کي پنهنجا نوجوان نہ ڏيندو ۽ سنڌ جون مائون هن ڏکئي وقت ۾ قوم ۽ اسلام خاطر پنهن جا ڪونڌر نہ ڪيري ڏينديون؟ ڇا اوهان پنهنجا ٻچا انهي لاءِ ڄڻيا آهن ۽ پنهنجا جوان انهي لاءِ پاليا آهن تہ اهي پنهنجي وطن، قوم ۽ دين جي راه ۾ شهيد ٿيڻ بدران بيمارين ۾ کنا ٿي بستري مرن؟ سنڌ جا مسلمانو! جيڪڏهن شهادت جي شاندار درجي کان رلين جو ذليل موت اوهان

كي وڏيڪ پسند آهي تہ پوءِ اوهان جي حال تي افسوس آهي ۽ اوهان جي چٽندڙن تي افسوس آهي!

## حڪومت ۽ آپوزيشن

## جمهوريت جي فروغ جو صحيح رستو

جمهوريت کي زنگ آلود ٿيڻ کان بچائي ۽ ان کي ڪنهن شخص يا شخصن جي فرمان روائي ۾ تبديل ٿي وڃڻ کان محفوظ رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ جمهوري نظام ۾ حڪومت هلائيندڙ ڌر جي مقابلي ۾ نڪتہ چين ڌر، آپوزيشن پارٽي جي شڪل ۾ موجود هجي، جيڪا حڪومت جون غلطيون پڪڙيندي رهي ۽ حڪمرانن ڌر کي خود غرضانہ ۽ مفاد پرستانہ ڪارروايون کان روڪيندي رهي.

انهي ۾ شڪ ناهي تہ عوام جي طرفان حڪومت جو بار کڻڻ بہ هڪ وڏي ذمہ داري آهي ۽ جيڪڏهن سڀ ماڻهو اها ذمہ داري کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏين تہ ملڪ ۾ لا قانونيت ۽ افراتفري مچي وڃي ۽ هر ڏاڍو پنهنجي مقابلي ۾ ڪمزور کي پيڙڻ ۽ ڦرڻ مارڻ لڳي وڃي ۽ ڪنهن بہ هيٺي جي دانهن جو داد نہ ٿئي. انهي انارڪي ۽ افراتفري کان بچڻ ۽ انسانن کي انسانن جي ڦر لٽ، مار ڪٽ ۽ ظلم زيادتي کان بچائڻ لاءِ انسان ذات پنهنجي مٿي حڪومت جي نظام کي تسليم ڪيو آهي ۽ قديم ايام کان اها حڪومت ڪنهن نہ ڪنهن نالي ۽ شڪل و صورت سان هلندي پئي اچي.

ليڪن حڪومت جي مزاج ۾ فطرتاً ڪا اهڙي بيماري رکيل آهي جو ڪهڙي بہ رضا ڪارانہ ۽ عوام پسند حڪومت وجود ۾ اچي، انهي تي جيڪڏهن ڪنهن ٻئي اداري ۽ گروه جي چوڪسي ۽ احتساب قائم نٿو رهي تہ پوءِ اها اڳتي هلي انانيت، خود رائي، خود



غرضي ۽ مطلق العناني جو شڪار ٿي وڃي ٿي ۽ حڪمران طبقو پنهنجي عوام جي مفاد جي نگهداشت ڪرڻ بدران حڪومت کي پنهنجي اغراض ۽ شخصي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ لڳي ٿو ۽ حڪومت جيڪي عوام جي ڏنل امانت آهي تنهن کي هو پنهنجي شخصي ملڪيت سمجهي وهي ٿو.

اهڙي طرح خدمت خلق جو اهو ادارو جنهن کي حڪومت سڏيو وڃي ٿو جڏهن نالائق، نڪمن، اوباشن، خود غرضن، عياشن ۽ هنيان ماڻهن جي ور چڙهي وڃي ٿو تڏهن ان کي خدمت خلق بدران، خلق آزاري طور ڪم آندو ويندو آهي، عوامي رضامندي مان پيدا ٿيل حڪومت، استبدادي نظام ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، حڪومت ڪنهن خاندان يا گروهہ جي شخصي ملڪيت بنجي ويندي آهي ۽ پيئڻ کان پٽن ڏانهن ميراث وانگر منتقل ٿيندي رهندي آهي ۽ هڪ اهڙو خانداني يا گروهي موروثي نظام قائم ٿي ويندو آهي جنهن جي ما تحت ملڪ جا عوام ظلم ۽ زيادتي جي گهاڻي ۾ بيڙيا آهن.

اهڙي طرح هر متحرڪ مشين لاءِ سڪاڻ ۽ بريڪ جي ضرورت جاڻي وئي آهي تهڙي طرح نئين دؤر جي عقلن ۽ سياستدانن جو هي قطعي فيصلو آهي تہ جمهوري حڪومت جي گهوڙي کي ڪڏڪاري کان بچائڻ ۽ سڌي رستي تي هلائڻ لاءِ آپوزيشن جو لغام لڳائڻ ضروري آهي ٻي صورت ۾ جمهوريت جي نالي ۾ ڊڪٽيٽر شپ ۽ مطلق العناني پيدا ٿيڻ لازمي آهي.

اگرچہ حڪومت بہ هڪ قومي ذمہ اري ۽ عوامي فيضو آهي ليڪن حڪومت ۾ ذمہ داري سان گڏ وڏا اختيارات آهن، شان وشوڪت آهي، عياشي، مفاد پرستي، خويش نوازي ۽ دوست پروري جا

ڪافي سامان موجود آهن تنهن ڪري هر شخص جو وات پاٽي ٿئي ٿو ته ڪنهن طرح حڪومت جي ذمه داري ۾ ڪيس شريڪ ٿيڻ جو موقعو ملي، ليڪن آپوزيشن هڪ خشڪ ۽ زاهدانه زندگي آهي ۽ عيش و آرام جي سامانن ڪان بي پروائي آهي ۽ صوفيانه زبان ۾ ترڪ دنيا آهي تنهن ڪري ڪي مانجهي مرد ئي اهو ڪڙو پيالو پيئڻ لاءِ تيار ٿيندا. مغربي پاڪستان جي اليڪشنن ڪان پوءِ ساري مغربي پاڪستان ۾ شايد روزانه مهراڻ ئي اها اڪيلي اخبار آهي جنهن آپوزيشن جي قيام جي ضرورت جي احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن اسان جا نمائندا جن تي شاهي ۾ شريڪ ٿيڻ جو شوق غالب آ، جن ۾ پندرهن وزيرين لاءِ پنجاهه ڪان به وڌيڪ صاحبن ۾ لٽ لڳل آهي ۽ رڳو سنڌ جي ستونجاهه ميمبرن مان اٽڪل ڏيڍ دزن صاحب وزارت جي پري سان هم ڪنار ٿيڻ ۾ شريڪ ٿين.

خوشي جي ڳالهه آهي ته مسٽر جي_ ايم سيد همت جو سندرو ٻڌي، مخالفت ۾ وهڻ جو بار پنهنجي سر تي ڪنيو آهي ۽ هن تازو هڪ مختصر مخالف ڌر جو بنياد وجهي مغربي پاڪستان ۾ حڪومت تي چوڪسي رکڻ ۽ جمهوريت کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هڪ راه ڪڍي آهي. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ليڪن نه هجڻ ڪان هجڻ هر حالت ۾ بهتر آهي.

**آئين يا بي آئيني ؟**

پاڪستان ڪنهن هڪ پارٽي، گروه ۽ مڪتب خيال جي ماڻهن جي شخصي ملڪيت ناهي، جو ان جي حڪومت تي هو مالڪانه حقوق جي دعوا ڪن يا پاڪستان جي ڪنهن صوبي يا مرڪز تي مشروط قبضي جو فائدو وٺي هميشه لاءِ ڏنڊي ۽ لاقانونيت جي زور تي مالڪانه قبضو ڪري ويهن. پاڪستان هن قوم جي اجتماعي ۽ گڏيل



ملڪيت آهي ۽ انجي مرڪز هر پارٽي، گروه ۽ مڪتب خيال جي ماڻهن کي هڪ جهڙو حق آهي .

پاڪستان جو آئين جيڪو هن قوم جو چونڊيل ۽ پسنديده نمائندن گڏجي ٺاهيو آهي، ملڪ جي مختلف سياسي گروهن ۽ طبقن درميان ملڪ جي حڪومت بابت هڪ قطعي ۽ فيصله ڪن دستاويز ۽ معاهده آهي، جنهن جي مخالفت جو ڪنهن کي به حق ناهي.

پاڪستاني عوام جي باري ۾ اسان دعوا سان چئي سگهون ٿا ته هنن پنهنجي آئيني فرض ادائي ۾ ڪڏهن به ڪوتاهي نه ڪئي آهي، بلڪ هنن پنهنجن حاڪمن هٿان پنهنجن آئيني حقن کي تلف ٿيندو ڏٺو آهي، تڏهن به صبر ڪيو آهي.

ليڪن بدقسمتي سان عوام جي مقابلي ۾ اسان جي حاڪمن جي ذهنيت بلڪل ٻي آهي ۽ هنن مان جڏهن به ڪو حڪومت جي تخت ۽ اقتدار جي ڪرسي تي ويهندو آهي تڏهن هو اهوئي سمجهڻ لڳندو آهي ته هي ملڪ هن قوم جو ملڪ ناهي، بلڪ هن جي ابي ڏاڏي جي شخصي ميراث آهي ۽ هن ملڪ تي ڪيس نمائندن جي رضامندي ڪان بغير هرو ڀرو برسر اقتدار رهڻو آهي .

حڪمران شخص يا حڪمران پارٽين جي اها ذهنيت ڪيتري قدر هن ملڪ لاءِ تباه ڪن ٿي سگهي ٿي ۽ عوام جي ذهنن ۾ حڪمران گروه متعلق اهڙا شڪ ۽ ماڻهن جي زبانن تي انهي قسم جا چوڻ ٻولا، قوم جي آزادي ۽ خود داري جي روح کي ڪيتري قدر ماري ڇڏيندا هوندا، اهو سڀ ڪو سمجهي سگهي ٿو. بي جان، بزدل ۽ خوفزده قوم کي مرستان جو قبرستان يا مئن جي بستي ڪان سواءِ ٻيو

چا سڏي سگهجي ٿو ۽ ڪهڙي طرح پاڻ کي هڪ جاندار ۽ غيرت مند ملڪ جو حاڪم سڏي سگهي ٿو ؟ فوج ۽ حڪومت جي جنگي مشينري هن ملڪ جي گڏيل قومي امانت ۽ قومي سرمايو آهي، تنهن کي ڪو بہ شخص ۽ ڪابہ پارٽي، ڪنهن بہ زماني ۾ پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ان کي غير آئيني طور استعمال ڪري نٿو سگهي ۽ نہ وري ڪنهن بہ شخصيت ۽ پارٽي کي اهو حق آهي تہ هو مخالف ڌر کي ڊيڄاري تہ جيڪڏهن سندس حڪمراني کي هر حالت ۾ قائم نہ رکيو تہ فوج کي سامهون آندو ويندو.

اسان جي فوج اسان کان الگ ناهي ۽ فوج قوم جو هڪ حصو ۽ قوم آهي، تنهن ڪري هتي ڪنهن بہ شخص ۽ ڪنهن بہ پارٽي کي فوج کي پنهنجو شخصي غلام سمجهي ان کي پنهنجي شخصي اغرض لاءِ غير آئيني طرح استعمال ڪرڻ جو هر گز خواب نہ لهڻ گهرجي . فوج سرحدن جي حفاظت لاءِ آهي، فوج دشمنن جا جگر ڏارڻ ۽ دوستن جون دليون ٺارڻ لاءِ آهي، فوج پاڪستان جي عوام کي ٻاهرين حملہ آورن کان بي خوف و خطر ۽ اندروني بدامني کان مطمئن ڪرڻ لاءِ رکي ويئي آهي. آئين جي آئين سان مخالفت ڪري سگهجي ٿي ۽ آئين ۾ تسليم ڪيل اصولن سان آئين ۾ ترميم ڪري سگهجي ٿي ليڪن آئين جيستائين آئين آهي، تيستائين ان جي خلاف وڃڻ جي نہ حڪومت تي قابض افراد کي اجازت ڏيئي سگهجي ٿي نہ عوام جي ڪنهن حصي کي.

جيڪڏهن حڪمران طبقو پنهنجي طاقت جي زور تي آئين جي خلاف وڃي ٿو تہ انهي کي ڊڪٽيٽرشپ ۽ خود سربادشاهت جو قدم ٺهرايو ويندو ۽ جيڪڏهن عوام جي ڪنهن طبقي طرفان آئين يا



آئيني حڪومت جي خلاف طاقت استعمال ڪئي وڃي ٿي تہ انهي کي بغاوت شمار ڪيو ويندو.

اسان جو آئين نہ ڊڪٽيٽرشپ ۽ بادشاهت کي روا رکي ٿو ۽ نہ وري بغاوت ۽ خوني انقلاب کي، تنهن ڪري پاڪستان جي حاڪمن توڙي عوام مان جيڪو بہ آئين ۾ رکيل ذمہ دارين وٽان انحراف ڪري ٿو، سو هن عظيم قومي امانت کي نقصان پهچائي ٿو ۽ پاڪستان جي سيني ۾ زهر آلود خنجر هڻي ٿو.

قوم کي زندگي جو قبرستان يا مئن جي بستي کان سواءِ ٻيو ڇا سڏي سگهجي ٿو ۽ حڪمران طبقو انهي قسم جي دهشت گري پکيڙڻ کان پوءِ ڪهڙي طرح پاڻ کي هڪ جاندار ۽ غيرت مند ملڪ جو حاڪم سڏي سگهي ٿو؟

فوج ۽ حڪومت جي جنگي مشينري هن ملڪ جي گڏيل قومي امانت ۽ سرمايو آهي، تنهن کي ڪوبہ شخص ۽ ڪابہ پارٽي، ڪنهن بہ زماني ۾ پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ان کي غير آئيني طور استعمال نٿو ڪري سگهي ۽ نہ وري ڪنهن بہ شخصيت ۽ پاٽي کي اهو حق آهي تہ هو مخالف ڌر کي ڊيڄاري تہ جيڪڏهن سندس حڪمراني کي هر حالت ۾ قائم نہ رکيو تہ اهي ۽ فوج بادشاهت يا ڊڪٽيٽرشپ جي ڪن خواب لهندڙن يا نام نهاد انقلابي ڪائونسل جي قيام جا پهہ پچائيندڙن جي شيطاني جذبات جي آلہ ڪارن لاءِ هر گز ناهي.

شخص ايندا ويندا، پارٽيون طاقت ۾ اينديون ۽ وينديون ليڪن هي ملڪ ۽ هي قوم انشاءالله هميشہ رهندا ۽ انهي سان گڏ هن ملڪ جي فوج هميشہ رهندي، قوم جي آبرو ۽ ملڪ جي سرحدن جي

حفاظت لاءِ رهندي ۽ آئين ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ رهندي ۽ اسان جي غيور ۽ فرض شناس فوج کي انشاءالله ڪو بہ خود غرض ڪڏهن بہ پنهنجي خود غرضي لاءِ استعمال ڪري نہ سگهندو.

اسان کي يقين آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ هرگز اهڙيون حالتون ناهن ۽ نہ وري مستقبل ۾ اهڙين حالتن جو امڪان آهي، جن جي ڪري فوج کي عوام جي مقابلي ۾ استعمال ڪرڻ جو سوال پيدا ٿئي يا فوج جي زور تي ڪنهن شاهي يا ڊڪٽيٽر شپ کي وجود ۾ آڻڻ جو خطرو هجي، ليڪن مغربي پاڪستان جي وزارتي ڪشمڪش ۾ بعض حلقن طرفان ميمبرن کي مرعوب ڪرڻ لاءِ جيڪي افواه اٿاريا ويا آهن ۽ ريپبليڪن پارٽي جي ناڪامي جي حالت ۾ مارشل لا ۽ فوجي حڪومت جا جيڪي فرضي خطرا مشهور ڪيا ويا آهن، تنجي پيش نظر هن وقت اسان کي هنن سٽن کي هنن ڪالمن ۾ جاءِ ڏيڻي پئي آهي.

اسان کي اميد آهي تہ مغربي پاڪستان جو وزارتي جهڳڙو آئيني طرح اڪثريت واري پارٽي جي حق ۾ فيصلو ٿي ويندو ۽ افواه پکيڙيندڙن جيڪي غلط فهميون پيدا ڪيون آهن، سي خود بخود غلط ۽ ڪوڙيون ثابت ٿي وينديون. (روزانہ ڪاروان 14 سيپٽمبر 1957ع)

## سوچڻ جهڙي ڳالهہ

پاڪستان ۾ ليڊرن جو سڪار آهي ۽ هر اهو شخص جيڪو عوام جي ڪنهن طبقي کي ڪنهن ناري سان نچائي سگهي ٿو، سو ليڊر آهي. جيڪو شخص پاڪستان جي ڪنهن صوبي جي ماڻهن کي انهي صوبي جي نالي تي ڀڙڪائي، پنهنجي چوڌاري گڏ ڪري سگهي ٿو سو، ليڊر آهي.



جيڪڏهن ڪو سنڌي زميندار سنڌ جو نعرو هڻي، سنڌين جي مظلومت جي داستان گوئي ڪري ٿو تہ اهو سنڌ جو ليڊر آهي ۽ سنڌي ليڊر آهي. جيڪڏهن ڪو پٺاڻ زميندار پٺاڻن جو رڳو روئي پٺاڻن جي لاءِ پختونستان جي قيام جي ضرورت جو ڍنڍورو ڏئي ٿو تہ اهو پختون رهنما ۽ پختون ليڊر آهي.

جيڪڏهن ڪو بنگالي سياست پيشہ بنگلاديش جي بربادي جا نقشا چٽي ۽ بنگالين جي مظلوميت جا مبالغہ آميز قصا گهڙي، بنگالي عوام کي اسٽيج تماشا ڏيکاري ٿو تہ اهو بنگالي نيتا ۽ بنگالي ليڊر آهي.

جيڪڏهن ڪو بلوچ سردار ، بلوچستاني عوام ۾ ٻين پاڪستانين جي خلاف عداوت جو زهر ڀري بلوچستان ۽ بلوچ قوم جو نعرو هڻي ٿو تہ اهو بلوچ ليڊر ۽ بلوچستان جو اڳواڻ آهي.

جيڪڏهن ڪو پنجابيت جي عصبيت ۾ چور ۽ پنجابي غرور ۾ ڀرپور سکن وانگر نعرو هڻي ٿو تہ ”راج ڪريگا خالصا آقي رهي نہ ڪوئي“ تہ پنجابين لاءِ اهو ليڊر آهي، جيڪڏهن ڪو سياست ۽ ليڊري جي سيني ميدان مان تڙيل پنهنجي ليڊري جي ڊرامي لاءِ سياسي پارٽين مان ڪنهن بہ پارٽي وٽ اسٽيج نہ ڏسي ”پنجابي، پٺاڻ، مهاجر محاذ“ جو ڍونگ رچائي ٿو تہ اهو بہ ليڊر آهي.

جيڪڏهن ڪو ابي ڏاڏي کان عوام دشمن ۽ عياش وڏيرو ساڻن اٺن سالن تائين ڪنهن ڊڪٽيٽر جي خدمت ۾ گذارڻ ۽ خير دلائي ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن عقاب جو شڪار ٿي، ان جي دربار مان تڙي وڃي ٿو ۽ تڙجي وڃڻ کان پوءِ اقتدار تي وري پهچڻ لاءِ اٿي لٿي ۽ اجهي آسري ۽ زمين ۽ ڪارخانن جي عوام ۾ تقسيم ڪرڻ جي

دلاسي تي عوام جي عقل سان راند ڪري ٿو ته اهو به ليڊر بلڪ ''قائد عوام'' آهي. انهيءَ ڪان سواءِ ليڊرن جا ٻيا به ڪئين قسم آهن جيڪي ماڻهن کي ڪنهن مذهبي فرقي، ذات پات ۽ ڪاروباري به پيشه ورانه نالي تي جوش ڏياري ڪنهن مذهبي فرقي، ذات ۽ پيسي جي ماڻهن جا ليڊر بڻيا وتن.

اهي سڀ ليڊر آهن. ليڊرن جون ذاتيون ۽ ليڊرن جا طبقا آهن، جيڪي الڳ الڳ نالن سان ليڊرا جا ديڳڙا يا ديڳڙيون چاڙهيو وينا آهن ۽ ويچاري پاڪدل ۽ گگدام عوام جي ڪنهن نه ڪنهن حصي کي پنهنجن پنهنجن دهلن تي نچائي رهيا آهن ۽ ماڻهن کي هڪٻئي سان ويڙهائي ۽ ماڻهن جي درميان عصبيت جي مختلف بتن جي نالن ۾ دشمنيون وجهائي رهيا آهن ۽ پاڪستان جي پيڙهه کي کوٽي انجي عظيم عمارت کي زمين دوز ڪري رهيا آهن. ليڪن آهن سڀ ليڊر بلڪ بقول خويش سڀ ''محب وطن '' ليڊرا ليڊري ۽ ليڊرن جي انهن تفريقي هنگامه آرائين جي دوران، اسان جي ڪنن تي هڪ آواز پوي ٿو، جنهن ۾ آواز ڏيندڙ چوي ٿو:۔

'' آئون توهان کي صاف چوان ٿو ته هن وقت فوج به انهي پوزيشن ۾ ناهي ته هو ملڪ کي هڪ رکي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن ۾ عقل آهي ته هو خود سوچي ۽ غور ڪري ڏسي ته خدانخواسته مشرقي پاڪستان ۾ عليحدگي جي تحريڪ زور وٺي ته ڇا اڄ فوجي طاقت جي زور تي، هن کي مغربي پاڪستان سان گڏ رکي سگهجي ٿو؟ پاڪستان جي ٻنهي ملڪن کي ڪنهن فوج پاڻ ۾ ملائي هڪ ملڪ نه بڻايو هو . بلڪ اسلامي ڀائيچاري ۽ برادري جي جذبي انهن کي هڪ ٻئي سان ملايو هو ۽ اڄ به هي ٻئي حصا هڪ ٻئي سان گڏجي



رهي سگهن ٿا ته فقط هن طرح گڏجي رهي سگهن ٿا ته '' اسلامي برادري '' جو جذبو ٻنهي طرفن ۾ موجود هجي ۽ مشرقي پاڪستان جا ماڻهو يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي اڪثريت اهو گهري ته مشرقي ۽ مغربي پاڪستان جو اتحاد برقرار رهڻ گهرجي ورنه جيڪڏهن خدانخواسته عليحدگي پسند هن '' اسلامي اخوت '' جي رشتي کي ڪاٽي ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته پوءِ فقط فوج جي طاقت جي زور تي اوهان مشرقي پاڪستان کي مجبور نٿا ڪري سگهوته هو مغربي پاڪستان سان شامل ٿي رهي.

جيستائين مغربي پاڪستان جو تعلق آهي، تيستائين ڪو شخص چئي سگهي ٿو ته فوج ملڪ جي هن حصي کي گڏي رکي سگهي ٿي، ليڪن آئون چوان ٿو ته خود مغربي پاڪستان به انهي وقت تائين اتحاد جي ڪنهن مضبوط رشتي ۾ ڳنڍجي رهي نٿو سگهي، جيستائين هن جي مختلف باشندن ۾ مسلمان هجڻ جو جذبو ۽ هڪ ٻئي سان گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جو جذبو پوري طاقت سان موجود ۽ متحرڪ نه رهي. خدانخواسته هي شئي هتي نه رهي ۽ هتي جي ماڻهن ۾ سنڌيت، بلوچيت، پناڻيت ۽ پنجابيت جو جذبو زور وٺي ويو ته پوءِ رڳو فوج آخر ڪيترن ڏينهن تائين انهن سيني کي هڪ قوم بنائي رکي سگهي ٿي؟

انهيءَ ڪري اوهان سيني کي هي ڳالهه چڱي طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته پاڪستان جيڪڏهن رهندو ته ڏنڊي جي زور سان نه، بلڪ هڪ اهڙي تحريڪ جي زور سان رهندو جيڪا ملڪ جي تمام مختلف علاقن ۾ مشرقي پاڪستان ۾، پنجاب ۾، سرحد ۾، سنڌ ۾،

بلوچستان ۾ هر قسم جي نسلي، لساني ۽ علاقائي تعصب پکيڙيندڙن جي زور کي ٽوڙي.''

اهو ڪنهن جو آواز آهي ۽ اها حق جي صدا ۽ درد واري پڪار ڪهڙي طرف کان اچي رهي آهي؟ اهو جماعت اسلامي جو امير مولانا ابوالاعليٰ مودودي جو آواز آهي، جيڪو لاهور جي سنت نگر جي عام جلسي ۾ مولانا موصوف جي زبان حق ترجمان مان ٻڌايو ويو. جنهن کي اڄ کان وٺي ''الوحيد'' ۾ قسط وار شايع ڪيو پيو وڃي. مولانا محترم جي هنن لفظن ۾ انهن ماڻهن لاءِ انتباه آهي، جيڪي پنهنجي خود غرضي کي تسڪين ڏيڻ خاطر پاڪستان کي '' هڪ نظريه واري ملڪ'' بدران ڪيئي نظرين وارو ملڪ بڻائي رهيا آهن. جڏهن ملڪ جي ''نظرياتي وحدت'' ليڊرن جي سياسي ۽ اغراضي ڪشمڪش ۾ ''نظرياتي ڪثرت'' سان بدلجي ويندي. تڏهن هي ملڪ پنهنجي وحدت ۽ سالميت ڪيئن برقرار رکي سگهندو.

ليڊري جي پيشاورانه راند جيڪا بيحد دلچسپ ۽ پياري نظر اچي رهي آهي، سا بيحد خطرناڪ آهي، هن خطرناڪ کيل کي جيڪي کيڏي رهيا آهن. اهي نه فقط ملڪ جي تقسيم بلڪ ملڪ جي خاتمي ۽ ملڪ جي تباهي جي رستي تي هلي رهيا آهن، ۽ اهڙي خانه جنگي جي باه ۾ ملڪ کي اڇلي رهيا آهن، جنهن ۾ باهمي عداوت جي آگ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر ڪونه ٿو اچي ۽ جنهن کي بقول مولانا مودودي پاڪستان جي فوج به اجهائي نٿي سگهي. تفريق ۽ افتراق جو شيطان جيڪو مختلف تعصباتي نعرن جي شڪل ۾ نچي رهيو آهي، ڇا اهو اڃا به نچندو رهندو ۽ تيستائين نچندو رهندو جيستائين اسان جي ملڪ کي ۽ اسان کي بلڪل تباه



نه ڪري ڇڏي؟ سوچيو هن خطري مان نڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻو. اسان جي خيال ۾ مولانا محترم جي سنت نگر واري تقرير بيحد پر مغز آهي ۽ پاڪستان جي خير خواهن ۽ اسلامي قافلي جي مسافرن لاءِ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي، جنهن کي بار بار پڙهڻ گهرجي ۽ ٻين تائين پهچائڻ گهرجي! ( روزانه الوحيد 10 نومبر 1970 ع )